هفتہ وار رسالو



# بياناتِ غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه

(مع اِفاديت امير اهل سُنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه)

- ٽي اهم ڳالهيون
- ماڪيءَ جهڙو زهر
- دنيا ۽ آخرت جي مثال
- هر مشڪل ڪان بعد آساني آهي


شيخِ طريقت امير اهلِ سُنّت حضرتِ علامہ مولانا ابو بِلال

محمد الياس عطار قادِري رَضَوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفڪر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **بياناتِ غوثِ اعظم** رحمۃُ اللہِ عَلَيْه (**مع افاداتِ اميرِ اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه)

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدنی التجا: ڪنهن کی بہ هی ڪتاب ڇاپڻ جی اجازت ناهی**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

# بياناتِ غوثِ اعظم رحمةُ اللهِ عَلَيه (مع افاداتِ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة)

## پيشڪش

## المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# بياناتِ غوثِ اعظم رحمۃ اللہ علیہ

## (مع افاداتِ امیرِ اھلسنت دامت برکاتھم العالیہ)[1]

**دعاءِ عطار:** ياالله پاڪ! جيڪو بہ ھي مڪمل رسالو ”**بياناتِ غوثِ اعظم** رحمۃ اللہ علیہ“ پڙھي يا ٻڌي وني، اُن کي پنھنجو ولي ٻڻاءِ ۽ ان جي والدين سميت بي حساب بخشش فرمائي ڪري جنّتُ الفردوس ۾ داخلا عطا فرماءِ. اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم.

## درود شريف جي فضيلت

حضرت اُبَيّ بِن ڪعب رضی اللہ عنہ عرض ڪيو تہ مان (سمورا ورد، وظيفا ڇڏي ڏيندُس ۽) پنھنجو سڄو وقت درود پڙھڻ ۾ صرف ڪندس. اُن تي سرڪارِ مدينہ صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم فرمايو: ھي توھان جي فڪرن کي دور ڪرڻ جي لاءِ ڪافي ٿيندو ۽ توھان جا گناھ معاف ڪيا ويندا.

(تِرمِذی،4/207،حديث:2465)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪ ماڻھن جي ذڪر جو شان

حضرتِ سُفيان بن عيينہ رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: عِنْدَ ذِكْرِ الصَّالِحِيْنَ تَنْزِلُ الرَّحْمَةُ

---

[1] ربيعُ الآخر 1445 هجري بمطابق آڪٽوبر 2023 جو عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ (ڪراچي) ۾ يارھين شريف جي مدني مذاڪرن ڪان پھريان ٿيڻ وارن اميرِ اھلسنّت دامت برکاتھم العالیہ جي 11 بيانن جو تحريري گُلدستو(ڪجھ ضروري ترميم سان).

يعني ”نيڪ ماڻهن جي ذڪر جي وقت رحمت نازل ٿيندي آهي.“
(حلية الاولياء، 335/7، رقم:10750)

جڏهن الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي ذڪر جي وقت رحمت نازل ٿيندي آهي ته پوءِ الله پاڪ جي ولين جي ذڪر جي وقت ڪهڙيون رحمتون نازل ٿينديون هونديون ۽ جڏهن ولين جي سردار، پيرانِ پير دستگير شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جون پياريون پياريون ڳالهيون ٿينديون پوءِ ڪيئن نه جهومي جهومي ڪري رحمتن ۽ نور ۽ تجلين جي برسات ٿيندي. الله پاڪ جا نيڪ ٻانها خاص طور تي منهنجي پيرو مُرشد، حضور غوثِ پاڪ شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ذڪرِ خير ٿيندو رهندو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

## 15 سالن تائين روزانو نماز ۾ قرآن شريف جو خَتمو

منهنجا مُرشد پيرانِ پير شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تحديثِ نعمت (يعني پنهنجي ربَّ جون نعمتون ظاهر ڪندي) ۽ پنهنجي غلامن جي نصيحت جي لاءِ فرمائن ٿا:

الحمد لله! مان 25 سال تائين عراق جي ويرانن ۾ گهمندو رهيس ۽ چاليهه سالن تائين عشاء جي وضو سان فجر جي نماز ادا ڪئي. پندرهن سالن تائين روزانو عشاء جي نماز کان پوءِ نفلن ۾ هڪ قرآنِ ڪريم ختم ڪندو رهيس. شروع ۾ پنهنجي بدن تي رسي ٻڌي ڪري ان جو ٻيو پاسو پٽ ۾ لڳل تار سان ٻڌي ڇڏيندو هيس ته جيئن جيڪڏهن ننڊ جو غلبو ٿئي ته ان جي جهٽڪي سان اک کُلي وڃي. (بہجة الاسرار ، ص118ملخصاً)

پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: هڪ رات جڏهن مون پنهنجي عبادتن جو سلسلو شروع ڪرڻ چاهيو ته نفس سُستي ڏياريندي ٿوري دير سمهڻ ۽ بعد ۾ اٿي ڪري عبادت ڪرڻ جو مشورو ڏنو، جنهن جڳهه دل ۾ هي خيال آيو هو انهيءَ جڳهه ۽ انهيءَ وقت هڪ پيرَ تي بيهي ڪري مون هڪ قرآنِ ڪريم ختم ڪيو. (تحفۃ القادريہ، ص 40۔سانپ نما جن، ص 15)

منهنجي مُرشد پيرانِ پير شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي محبت جي دعوا ڪرڻ وارؤ! منهنجي مرشد جي باري ۾ اوهان هاڻي ٻڌو ۽ پڙهيو ته ڪيتري قدر عبادت ڪندا هئا ۽ نفس جي طرف کان وسوسو آيو ته ان کي ڇا ته نرالي سزا ڏنائون. سرڪارِ بغداد حُضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه ته ايتري قدر عبادت ڪندا هئا ۽ اسان انهن کي مڃڻ وارا جيڪڏهن پنج وقت نماز به نه پڙهي سگهون ته اسان ڪهڙي قِسم جا عاشقانِ غوثِ پاڪ آهيون؟ سوچڻ جو مقام آهي.

ياد رکو! جيڪڏهن اسان نفس ۽ شيطان جي ٿوري به خواهش مڃي ورتي ته هي اسان کان پنهنجون تمام خواهشون مڃرائيندو مثال طور فجر جي نماز جي لاءِ ڪنهن جي اک کُلي، ان هي سوچيو ته اڃان ته مس اذان ٿي رهي آهي يا جماعت ۾ ڪافي وقت آهي لهٰذا اڃان ٿوري دير سمهي رهان ٿو ۽ اهو سمهي رهيو ته ڪيئي پيرا ائين ٿيندو آهي ته جماعت نڪري ويندي آهي. ۽ (هي مسئلو به ياد رکو ته) جيڪڏهن رات دير سان سمهڻ جي ڪري فجر جي نماز جي لاءِ اک ناهي کُلندي ۽ نه ئي ڪو جاڳائڻ وارو موجود آهي ته ضروري آهي ته جلدي سُمهي رهو ڇوته فقهاءِ ڪرام فرمائن ٿا:

”جڏهن هي انديشو هجي ته صبح جي نماز هلي ويندي ته بغير شرعي ضرورت جي رات دير تائين جاڳڻ منع آهي.“
(فيضانِ نماز، ص 92- در المحتار، 33/2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٽي اهم ڳالهيون

حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پر اثر بيانن مان ڪجهه مدني گل حاصل ڪيون ٿا جيئن ته پاڻ پنهنجي ڪتاب ”فُتوحُ الغيب“ صفحي نمبر 17 تي لکن ٿا: مسلمان جي لاءِ هر حالت ۾ ٽي شيون ضروري آهن: (1) الله پاڪ جي حڪم تي عمل ڪرڻ (2) ان جي منع ڪيل شين کان بچڻ ۽ (3) الله پاڪ جي رضا تي راضي رهڻ. منهنجا مُرشد فرمائن ٿا: هڪ مسلمان جي حالت گهٽ ۾ گهٽ هي هجڻ گهرجي ته هنن ٽن شين کان ڪهڙي به حالت ۾ خالي نه هجي. يعني ٽئي شيون هن ۾ موجود هجڻ گهرجن. (فتوح الغيب ( اُردو )،ص 17)

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! ٿورو سوچيو! ڇا اسان غوثِ پاڪ جي هن فرمان تي عمل ڪيون ٿا؟ يقيناً نماز، زڪوات، حج ۽ روزو مسلمانن تي مختلف شرائط سان فرض آهن ڇا اسان الله پاڪ جي هنن احڪامن تي عمل ڪيون ٿا؟ غوثِ پاڪ جا نانا سائين سرڪارِ دو عالَم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا ته اسلام جو بنياد پنجن شين تي آهي: (1) هن ڳالهه جي گواهي ڏيڻ ته الله پاڪ کان سواءِ ڪوبه عبادت جي لائق ناهي ۽ محمد صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جا خاص ٻانها ۽ رسول آهن ۽ (2) نماز قائم ڪرڻ (3) زڪوات ڏيڻ (4) حج ڪرڻ ۽

(5) رمضان جا روزا رکڻ (بخاری،14/1، حدیث:8) هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ الله پاڪ کي هي پسند آهي تہ ان جي عطا ڪيل فرضن تي عمل ڪيو وڃي.

( ابن حبان،231/5، حدیث: 3560 ملتقطاً)

نَماز و روزہ وحَجّ و زکٰوۃ کی توفیق ۔۔۔ عطا ہو اُمّتِ محبوب کو سدا یارب

(وسائلِ بخشش،ص88)

## اولياءِ ڪرام شريعت جا پابند هوندا آهن

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! اسان جي مُرشد، پيرانِ پير شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي فرمان جو پيو حصو آهي: ”الله پاڪ جي منع ڪيل ڪمن کان بچڻ“. ڪاش! اسان کي هن تي بہ عمل ڪرڻ نصيب ٿي وڃي. الله ڪريم جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”الله پاڪ جا ولي نمازي آهن جيڪي الله پاڪ جون فرض ڪيل پنج ئي نمازون پڙهندا آهن ۽ ثواب جي لاءِ رمضان جا روزا رکندا آهن ۽ خوشيءَ سان زڪوات ادا ڪندا آهن ۽ الله جي منع ڪيل ڪبيره (يعني وڏن) گناهن کان بچندا آهن.“ (معجم کبیر، 48/17، حدیث:101 ملتقطاً) ”ڪشفُ الاسرار“ ۾ هيءَ حديثِ پاڪ بيان ڪئي وئي آهي تہ ”الله پاڪ“ جي منع ڪيل شين ۾ ٿورو بہ رُڪجڻ يعني بچڻ جنن ۽ انسانن جي عبادت کان افضل آهي. (کشف الاسرار، 154/1)

هزار رڪعتون نفل نماز پڙهڻ جي مقابلي ۾ ڪنهن مسلمان جي دل آزاري نہ ڪرڻ افضل آهي. ائين ئي هڪ پيرو غيبت کان بچي وڃڻ جنن ۽ انسانن جي عبادت کان بهتر آهي. گناهہ کان بچڻ جي

تمام گهڻي اهميت آهي. چوته نقصان کي نفعي تي ترجيح هوندي آهي يعني نفعو حاصل ڪرڻ بيشڪ درست آهي پر نقصان کان بچڻ هي وڏيڪ اهم هوندو آهي، ان ڪري انسان گناهه هرگز نه ڪري ۽ نيڪيون ڪندو رهي، انهن کي به نه ڇڏي.

## زبان ۾ تاثير پيدا ڪرڻ جو عمل

حضرت علامہ احمد صاوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو شخص پنهنجي ربَّ جي حڪم کي پورو ڪري، ان جي منع ڪيل شين کان بچي ۽ نيڪ اعمال اپنائي ڪري (ماڻهن کي) اللّٰه پاڪ جي طرف سڏي (يعني نيڪي جي دعوت ڏي) ته ان جي ڳالهه مجي ويندي ۽ ان جي ڳالهه دلين ۾ اثر به ڪندي. (تفسير صاوی، 5/ 1851)

جسے نیکی کی دعوت دوں اُسے دیدے ہدایت تُو
زباں میں دے اثر کردے عطا زورِ قلم مولیٰ
(وسائلِ بخشش،ص99)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## غوثِ پاڪ جي نصيحتن تي عمل جون برڪتون

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن تون اللّٰه پاڪ جو فرمانبردار ۽ ان جي حڪم تي عمل ڪرڻ وارو، ان جي منع ڪيل ڪمن کان بچڻ وارو ۽ ان جي تقدير (يعني اُن جيڪو به تنهنجي لاءِ طئي ڪيو آهي ان) کي تسليم ڪرڻ وارو

هوندين تہ اهو توکي شر کان بچائيندو ۽ توتي پنهنجو خير (يعني ڀلائي) وڌيڪ ڪندو. (شرح فتوح الغيب( اُردو )،ص 238ملخصاً)

## صبح ۽ شام عبادت ڪيو

هڪ ٻئي مقام تي منهنجا مُرشد شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: الله پاڪ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري صبح ۽ شام ڪندا رهو جڏهن توهان ائين ڪندؤ تہ عزت ۽ ڪرامت (يعني بُزرگي) جو تاج توهان جي مٿي تي هوندو. (الفتح الرّبانی والفیض الرحمانی ،ص 51)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سختيون ختم ٿي ويون

حضرت امام عبدُالوهاب شَعراني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ "طبقاتِ ڪبريٰ" ۾ حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو هي ارشادِ پاڪ لکن ٿا تہ شروع شروع ۾ مون تي آزمائشون، تکليفون آيون جڏهن اهي تمام گهڻيون ٿي ويون تہ مان بي وَس ٿي ڪري زمين تي سُمهي پيس ۽ منهنجي زبان تي قرآنِ پاڪ جون هي ٻہ مبارڪ آيتون جاري ٿي ويون: فَاِنَّ مَعَ الْعُسْرِ یُسْرًاۙ(۵) اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ یُسْرًاؕ(۶) (پ 30، الم نشرح: 5، 6)

آسان ترجمۂ قرآن ڪنزُ العرفان:[2] "پوءِ بيشڪ مشڪل سان گڏ آساني آهي. بيشڪ مشڪل سان گڏ آساني آهي. يعني مشڪل سان گڏ آساني آهي. الحمدلله! هنن آيتن جي برڪتن سان منهنجون تمام مشڪلاتون آسان ٿي ويون." (طبقات الکبریٰ للشعرانی ، 178/1 ملخصاً۔ سانپ نما جنّ،ص 9)

[2]... هن رسالي ۾ شامل تمام قرآني آيتن جو ترجمو "ڪنزُ العرفان" مان ورتو ويو آهي.

واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا　　اونچے اونچوں کے سروں سے قدم اعلیٰ تیرا

(حدائق بخشش، ص19)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 4 فرامينِ شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

### (1) خوفِ خُدا

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اي الله جا ٻانها! تون الله ڪريم کان بي خوف نہ ٿي بلڪ خوف[3] کي لازم پڪڙ، جيڪڏهن الله پاڪ جنّت ۽ جهنّم کي پيدا نہ فرمائي ها تڏهن بہ اها ذات هن ڳالھ جي مُستحق هئي تہ ان کان خوف ڪيو وڃي ۽ انهيءَ کان اُميد رکي وڃي. ان جي فرمانبرداري ڪر، ان جي حڪم تي عمل ڪر ۽ ان جي منع ڪيل ڪمن کان بچ، تون ان جي بارگاھ ۾ توبھ ڪر ۽ ان جي سامهون خوب خوب عاجزي ۽ روئيندو ڪر ۽ جڏهن تون سچي دل سان توبھ ڪندين ۽ استقامت سان نيڪيون ڪندو رهندين تہ الله ڪريم توکي نفعو عطا فرمائيندو. (الفتح الربانی، ص75 ملخصاً)

توڑ اپنا عنایت کر رہیں اس ڈر سے آنکھیں تر　　مٹا خوفِ جہاں دل سے مٹا دنیا کا غم مولیٰ

(وسائلِ بخشش،ص98)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[3]... خوفِ خُدا جو مطلب هي آهي تہ الله پاڪ جي بي نيازي، ان جي ناراضگي ان جي پڪڙ ۽ ان جي طرف کان ڏني ويندڙ سزائن جو سوچي ڪري انسان جي دل گهٻراهٽ ۾ مبتلا ٿي وڃي. (خوفِ خدا، ص 14۔ احیاء العلوم، 4/190 ماخوذاً)

## (2) الله پاڪ جي نافرمانين ڪان بچو!

(اي نادان انسان!) ٿورو غور ڪر! جڏهن هي فنا ٿيڻ واري دنيا جو حصول بغير محنت ۽ مشقت جي ممڪن ناهي (يعني دنيا جون ختم ٿيڻ واريون نعمتون حاصل ڪرڻ لاءِ محنت ڪرڻي پوندي آهي)، تہ اها شيءِ جيڪا الله ڪريم وٽ آهي (۽ جيڪا هميشہ باقي رهندي) بغير رياضت ۽ محنت جي ڪيئن ملي سگهي ٿي؟ ؟ (الفتح الربانی، ص222)

يعني جنّت ۾ بہ وڃڻو آهي ۽ نيڪيون بہ نہ ڪيان، هي خيال نہ ڪر بلڪہ ان جي عبادت ڪر ۽ ان جي نافرمانين ڪان پاڻ کي بچاءِ.

عبادت میں گزرے مری زندگانی ‌ ‌ ‌ ‌ ‌ ‌ ‌ ‌ ‌ کرم ہو کرم یاخدا یاالٰہی
مسلماں ہے عطارؔ تیری عطا سے ‌ ‌ ‌ ‌ ‌ ‌ ‌ ‌ ‌ ہو ایمان پر خاتمہ یاالٰہی

(وسائلِ بخشش،ص105)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! ‌ ‌ ‌ ‌ ‌ ‌ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3) موت جي تياري

اي الله پاڪ جا ٻانها! پنهنجي اميدن جا ڏيئا وسائي ڇڏ! پنهنجي لالچ جي چادر کي ويڙهي ڇڏ! ۽ دنيا رخصت ٿيڻ واري جيان نماز پڙهندو ڪر. ياد رکُ! مومن جي لاءِ هي مناسب ناهي تہ هُو اُن حالت ۾ سمهي جو ان جي لکيل وصيت ان جي مٿن ڪان نہ رکيل هجي (جڻ اهو پنهنجي هر رات کي آخري رات سمجهي).

اي ٻانها! تنهنجو ڪائڻ پيئڻ، اهل و عيال (يعني ٻارن ٻچن) ۾ رهڻ سهڻ ۽ پنهنجي دوستن يارن سان ملڻ جُلڻ هڪ رخصت ٿيڻ واري شخص جيان هجڻ گهرجي، ان ڪري جو اهو شخص جنهن جي

زندگي جي ڏور ۽ تمام اختيارات ہئي جي قبضي ۾ هجن تہ ان کي انھيءَ طرح دنيا ۾ رهڻ گھرجي. (الفتح الربانی، ص220ملخصاً)

زندگی اور موت کی ہے یاالٰہی کشمکش جاں چلے تیری رِضا پر بیکس و مجبور کی

(وسائلِ بخشش،ص 96)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4) نفس ۽ شيطان جي مخالفت

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نفس بُرائي جو ئي مشورو ڏيندو آهي، هي ان جي فطرت (Nature) آهي، هڪ عرصي کان پوءِ هي اصلاح پذير ٿيندو يعني هن کي سڌرڻ ۾ وقت لڳندو. توتي لازم آهي تہ هر وقت نفس کان مجاهدو (يعني خوب ڪوشش) ڪندو رهہ. پنھنجي نفس کي هميشہ چوندو رهہ تہ تنھنجي نيڪ ڪمائي توکي فائدو ڏيندي ۽ تنھنجي بُري ڪمائي تنھنجي لاءِ وبال ثابت ٿيندي. ڪو ٻيو توسان نہ عمل ڪندو ۽ نہ ئي پنھنجي اعمال مان ڪجھ ڏيندو. نيڪ اعمال ڪندو رهڻ، نفس کان مجاهدو ڪرڻ نهايت ضروري آهي. تنھنجو دوست اهو ئي آهي جيڪو توکي بُرائي کان روڪي ۽ تنھنجو دشمن اهو ئي آهي جيڪو توکي گمراھ ڪري. جيستائين نفس گندگين ۽ بُرن خواهشن کان پاڪ نہ ٿيندو، ان کي الله پاڪ جي بارگاھ جي ويجھڙائپ ڪيئن حاصل ٿي سگھندي؟ پنھنجي نفس جي خواهشن ۽ اميدن

کي ختم ڪري ڇڏ، تڏهن ئي تنهنجو نفس تنهنجو مطيع ۽ فرمانبردار ٿيندو. (الفتح الربانی، ص139، 140ماخوذاً)

نفس و شیطاں غالِب آئے لو خبر آپ جلد تر　　یارسولَ اللہ! آ کر بیکس و مجبور کی

(وسائلِ بخشش،ص 96)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پُرتاثير بيانن لکين ماڻهن جون زندگيون بدلائي ڇڏيون، هزارين غيرمسلم منهنجي مُرشد جي بيانن کان متاثر ٿي ڪري مسلمان ٿيا، پيران پير دستگير شيخ عبدُ القادر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي بيان ۾ ”حسد“ کان بچڻ جي متعلق نهايت پياري انداز سان سمجهايو آهي پر پهريان هي ٻڌي وٺو تہ حسد چوندا ڇا کي آهن!

## حسد ڇا کي چئبو آهي؟

”فتاويٰ رضويہ شريف“ جلد 24 صفحو 428 تي حسد جي تعريف (Deffination) هيئن بيان ڪئي وئي آهي: ”ڪنهن جي نعمت جي کسجي وڃڻ جي آرزو ڪرڻ.“ (رد المحتار، 66/1) يعني ڪنهن وٽ ڪا نعمت هجي اها هلي وڃي، کسجي وڃي، لُٽجي وڃي ان جي تمنا، آرزو ڪرڻ ”حسد“ آهي جنهن کي انگلش ۾ جيلسي (Jealousy) چئبو آهي. مثال طور ڪنهن جي شهرت يا عزت کان نفرت جو جذبو رکندي خواهش ڪرڻ تہ هيءُ ڪهڙيءَ طرح بہ ذليل ٿي وڃي ۽ هن جي شهرت يا عزت هلي وڃي اهڙيءَ طرح ڪنهن مالدار کان سڙڻ،

۽ هي تمنا ڪرڻ تہ هن جو مالي نقصان ٿي وڃي ۽ هي غريب ٿي وڃي. هن طرح جي تمنا ڪرڻ حسد آهي. (بُرے خاتمے کے اسباب،ص10ماخوذاً)

## حسد جون ڪجھ صورتون

حسد جون ڪيئي صورتون آهن: مثال طور ڪنهن جي آواز جي باري ۾ هيءَ تمنا ڪرڻ تہ هن جي نِڙي ويهي وڃي يا سندس آواز هن کان کسجي وڃي، ڪنهن ذهين طالبِ علم جي باري ۾ هيءَ خواهش ڪرڻ تہ هن جو حافظو خراب (Damage) ٿي وڃي، ڪنهن طاقتور کان ساڙ ڪرڻ تہ هي ڪمزور ٿي وڃي، هي سڀ حسد جا مثال آهن البت جيڪڏهن اهو طاقتور ناحق ظلم ڪندو هجي تہ هاڻي ان جي لاءِ تمنا ڪرڻ تہ هن جي طاقت هلي وڃي هي حسد نہ آهي. حسد حرام ۽ جهنم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي.

## شيطان جو گهر برباد ڪرڻ واري بيماري

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اي انسانو! حسد کان پاڻ کي بچايو چوتہ هي نهايت بُرو دوست آهي. حسد ئي اها بُري عادت آهي جنهن شيطان کي برباد ڪري ان کي تباه ۽ برباد ڪري ڇڏيو ۽ ان کي اللّٰه پاڪ جي رحمت کان پري ڪري جهنمي بڻائي ڇڏيو، حسد ئي شيطان کي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ملائڪن ۽ مخلوق جي نظر ۾ لعنت وارو بڻائي ڇڏيو. ڪو عقلمند ڪيئن تو حسد ڪري سگهي؟ ڇا ان بڌو ناهي تہ اللّٰه پاڪ قرآنِ ڪريم جي سيپاري 5 سورۃُ النساء، آيت نمبر 54 ۾ ڪجھ هيئن ارشاد فرمائي ٿو: اَمْ يَحْسُدُوْنَ النَّاسَ عَلٰى مَاۤ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖۚ ترجموڪنزُالعرفان:

بلڪ هي ماڻهن کان اُن شيءِ تي حسد ڪن ٿا جيڪا الله انهن کي پنهنجي فضل سان عطا ڪئي آهي. (جِلاءُ الخواطر،ص 3)

پيارا اسلامي ڀائرو! ظاهر آهي سيني کي الله پاڪ ئي عطا ڪندو آهي، حسد ڪرڻ وارو ٻانهو ٿورو سوچي تہ الله پاڪ جي عطا ڪيل نعمت کان ساڙ ڪرڻ الله پاڪ جي ورهاست تي اعتراض ڪرڻ آهي.

## نيڪين کي کائڻ واري شيءِ

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وڏيڪ حديثِ پاڪ بيان ڪن ٿا تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”حسد نيڪين کي ايئن کائيندو آهي جهڙيءَ طرح باھ سُڪل ڪاٺين کي کائي ويندي آهي.“ (ابو داؤد، 360/4، حديث: 4903)

## الله تي اعتراض؟

شهنشاهِ بغداد، حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اي پٽ! رباني عالمن (يعني باعمل عالِمَن) حسد جي باري ۾ ڪيتري انصاف واري ڳالھ ڪئي آهي تہ حسد پنهنجي دوست کان شروع ٿيندو آهي ۽ حسد ڪرڻ وارا پنهنجي ئي دوست کي ماريندا آهن. حسد ڪرڻ وارو نادان شخص معاذَ الله، الله پاڪ جي ڪمن، ان جي پيدا ڪيل شين ۽ ان جي ورهاست تي الله پاڪ کان جهيڙو ڪندو آهي (جڻ اهو چوندو آهي الله پاڪ فلاڻي نعمت فلاڻي کي ڇو ڏني؟ الله پاڪ فلاڻي کي ايترو خوبصورت ڇو بڻايو؟ الله پاڪ هن کي ايترو مالدار

چو ڪيو؟ وغيره). (جِلاءُ الخواطر،ص 3) الله پاڪ! اسان کي حسد کان محفوظ فرمائي. اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

حسد، وعدہ خِلافی، جھوٹ، چُغلی، غیبت و تہمت مجھے ان سب گناہوں سے ہو نفرت یا رسولَ اللہ

(وسائلِ بخشش،ص 332)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## الله پاڪ جي نعمت جو دشمن

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اي مؤمن بانها! مان توکي پنهنجي پاڙيسري جي کاڌي، پيتي، پائڻ، شادي، گهر ۽ مال دولت وغيره جي نعمتن تي، جيڪي الله پاڪ کيس عطا ڪيون آهن، انهن تي حسد ڪندي ڇو ڏسان ٿو ؟ ھي الله پاڪ جي ورھاست آهي، ڇا تون نہ ٿو ڄاڻين تہ حسد تنهنجي ايمان کي ڪمزور ڪري ڇڏيندو ۽ توکي تنهنجي ربَّ جي رحمت واري نگاھ کان ڪِيرائي ڇڏيندو ۽ الله پاڪ توتي غضبناڪ ٿيندو. ڇا تو ھيءَ حديثِ قدسي ناهي ٻڌي؟ جنهن ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: اَلْحَاسِدُ عَدُوٌّ لِنِعْمَتِیْ ترجمو: حسد ڪرڻ وارو منهنجي نعمت جو دشمن آهي. (حلية الاولياء، 1234/10، رقم: 15080) حديثِ قدسي اُن حديثِ پاڪ کي چئبو آهي جنهن ۾ فرمان الله پاڪ جو هجي ۽ الفاظ سرڪارِ دوعالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا هجن. (تيسير مصطلح الحديث، ص 108)

حضرت علامہ مولانا شيخ عبدُالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي هن بيان ۾ پاڙيسري جو مثال ڏيڻ جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا: حضور غوثِ

پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پاڙيسري کي ان کري خاص کري بيان فرمايو آهي جو اڪثر انسان پنهنجي پاڙيسري کان هنن شين ۾ وڌڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. (شرح فتوح الغيب،(اردو)ص 305،307 ملتقطاًوملخصاً)

واسطہ غوث و رضا کا دُور ہو
ہر بُری خصلت اے نانائے حُسین
(وسائلِ بخشش،ص 257)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نادان شخص

منهنجا پير و مرشد، حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اي مسڪين ٻانها! تون ڪهڙي شيءِ تي حسد ڪرين ٿو، ڇا اُن (يعني نعمت ڏنل شخص) جي حصي تي يا پنهنجي قسمت تي؟ جيڪڏهن تون ان جي قسمت تي حسد ڪرين ٿو جيڪا الله پاڪ ان کي عطا فرمائي آهي، جيئن ته سيپارو 25 سورةُ الزخرف جي آيت نمبر 32 ۾ ارشاد ٿئي ٿو: نَحْنُ قَسَمْنَا بَيْنَهُمْ مَّعِيْشَتَهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا: ترجمو ڪنزُ العرفان: ”دنيا جي زندگي ۾ انهن جي وچ ۾ انهن جي روزي (ٻه) اسان ئي تقسيم ڪئي آهي.“ پوءِ يقيناً حد کان وڌي ويو آهين، توکان وڌيڪ نادان ڪير هوندو ۽ جيڪڏهن تون ان نعمت ڏنل شخص تي پنهنجي حصي جي ڪري حسد ڪرين ٿو، ته پوءِ تون تمام وڏو جاهل آهين ڇوته الله پاڪ تنهنجو حصو تو کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي ناهي ڏنو ۽ نه ئي تنهنجو حصو ان جي طرف ويندو. يعني جنهن کي جيڪو ڏنو آهي انهيءَ ڏانهن ويندو

تنهنجو حصو نہ ويندو پوءِ تون ڇو ٿو ان کان ساڙ ڪرين جيڪو الله پاڪ ان کي ڏنو آهي، ان تي ڇو ٿو اعتراض ڪرين؟
(فتوح الغيب(اردو)، ص 103مفهوماً و ملخصاً)

## عيش ۽ آرام سان زندگي گذارڻ واري جو قيامت ۾ حال

اي نادان ۽ گهٽ علم شخص! عنقريب توکي خبر پئجي ويندي تہ سياڻي قيامت جي ڏينهن انهن نعمتن جي ڪري تنهنجي پاڙيسري جو حساب ڪيڏو ڏکيو ٿيندو ۽ جيڪڏهن ان الله پاڪ جي هنن عطا ڪيل نعمتن جي ڪري الله پاڪ جي فرمانبرداري نہ ڪئي ۽ الله پاڪ جو حق (يعني زڪوات ۽ صدقاتِ واجبہ وغيره) ادا نہ ڪيا جڏهن تہ ان جي حڪم تي عمل ڪري ها ۽ هنن گهڻين نعمتن جي ڪري الله پاڪ کان ان جي عبادت ۽ فرمانبرداري تي ان جي مدد گهري ها. ايستائين جو اهو قيامت جي ڏينهن تمنا ڪندو تہ ان کي هنن نعمتن مان هڪ ذرو بہ عطا نہ ڪيو وڃي (ڇوتہ مالدار ان مال جا واجب حقوق ادا نہ ڪيا هاڻي پڇتائيندو تہ هنن نعمتن مان هڪ ذرو بہ عطا نہ ڪيو وڃي ها) ۽ نہ ئي اهو ڪنهن نعمت کي ڏسي ها. ڇا تو حديثِ پاڪ نہ ٻڌي تہ حضور پُرنور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: قيامت واري ڏينهن جڏهن مصيبت وارن کي ثواب ڏنو ويندو تہ آرام ۽ سڪون وارا تمنا ڪندا ڪاش! دنيا ۾ انهن جون کلون قينچين سان ڪٽيون وڃن ها. (ترمذی، 180/4، حديث: 2410۔فتوح الغيب(اردو)،ص102،103ملخصاً)

## قيامت جي ڏينهن نعمت واري جي تمنا

منهنجا مرشد پيرانِ پير دستگير رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: (نعمتن ۾ پليل) تنهنجو پاڙيسري قيامت جي 50 هزار سال جي ڏکي ڏينهن ۾

سج جي سخت گرميءَ ۾ پنهنجو طويل حساب ڏيڻ لاءِ بيٺو هوندو، ان وقت هو تنهنجي دنيا جي (ننيڙي) گهر جي تمنا ڪندو ڇوته ان دنيا جي نعمتن مان فائدو ڪنيو ۽ تون ان ڏينهن الله ڪريم جي رحمت ۽ ان جي عنايت سان صبر ۽ قناعت جي نعمت جي سبب اُن کان الڳ عرش جي ڇانوَ ۾ کائيندين، پيئندين، نعمتون ماڻيندين، خوش هوندين. (فتوح الغيب(اردو)، ص 103)

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! الله پاڪ جي ورهاست تي راضي رهڻ گهرجي، غريب صبر ڪندو آهي ته مالدار کان وڌيڪ فضيلت ماڻيندو آهي ڇوته فقير مالدار کان 500 سال پهريان جنّت ۾ ويندو. جڏهن ته مالدار حساب ۽ ڪتاب ۾ ڦاٿل رهندو. جڏهن ته غريب وٽ مال نه هو ته اهو مال جي حساب کان بچيل رهندو پر غريب هجي صابر يعني صبر ڪرڻ وارو. جيڪڏهن غريب مالدارن کان ڇڙندو رهي ۽ دنيا جو مال نه ملڻ تي دل ساڙيندو رهي ته پوءِ ان کي هيءَ فضيلت نه ملندي.

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اي الله پاڪ جا ٻانها! الله پاڪ جي لکيل ۽ ان جي فيصلي تي راضي رهه، جو هن توکي غريب ۽ ٻئي کي مالدار ڪيو، (اي بيمار!) توکي بيمار ڪيو ۽ ٻئي کي صحت مند ڪيو، (اي پريشان حال!) توکي پريشاني ۾ سختي ۾ ۽ ٻئي کي آساني ۾ رکيو، تنهنجو انهن سيني ڪمن ۾ صبر ڪرڻ عرش جي هيٺان حاصل ٿيڻ وارين نعمتن جو ذريعو بڻجندو. الله پاڪ اسان کي ۽ اوهان کي انهن ماڻهن ۾ بڻائي جيڪي مصيبت ۽ پريشاني ۾ الله پاڪ جي عطا

ڪيل نعمتن تي ان جو شڪر ادا ڪندا آهن ۽ پنهنجا سيئي ڪم الله پاڪ جي حوالي ڪندا آهن.

سيپارو 24 سورةُ المؤمن آيت نمبر 44 ۾ آهي: وَ اُفَوِّضُ اَمْرِیْۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَصِیْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿۴۴﴾: ترجمو ڪنزُالعرفان: مان پنهنجا ڪم الله جي حوالي ڪيان ٿو.

حضرت مُفتي احمد يار خان رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: هيءَ دعا هر مصيبت ۽ دشمن جي مقابلي جي وقت پڙهڻ گهرجي تمام فائدي مند آهي. ڪڏهن ڪا مصيبت اچي وڃي يا ڪو دشمن ڳچيءَ ۾ پئجي وڃي ته ياد اچڻ تي هي دعا پڙهڻ گهرجي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هن جون برڪتون نصيب ٿينديون.

(تفسير نور العرفان، پ 24، المؤمن، تحت الآية:44، ص 753)

منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

اپنے دِل کا ہے اُنہیں سے آرام سونپے ہیں اپنے اُنہیں کو سَب کام
لو لگی ہے کہ اب اس دَر کے غلام چارۂ دردِ رضا کرتے ہیں

(حدائق بخشش،ص114)

برادرِ اعليٰ حضرت، شهنشاهِ سُخن مولانا حسن رضا خان رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڇا ته خوب فرمائن ٿا:

ہماری بگڑی بنی اُن کے اِختیار میں ہے سپرد اُنہیں کے ہیں سب کاروبار ہم بھی ہیں

(ذوقِ نعت،ص 188)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غوثِ پاڪ جي دنيا کان بي رغبتي

حضور غوثِ پاڪ حضرت سيّدُنا شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي خدمت ۾ نِيم روز ملڪ (جيڪو هن وقت افغانستان جو صوبو آهي) جي بادشاهه خط موڪليو تہ مان ملڪ جو ڪجهه علائقو توهان کي بطور جاگير ڏيڻ چاهيان ٿو تہ جيئن توهان بہ مون وانگر عيش و آرام جي زندگي گذاريو، منهنجي پياري پياري پير و مرشد حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ان جي جواب ۾ (فارسي ۾) چار شعر لکي موڪليا:(جن جو ترجمو ڪجهه هن ريت آهي) جيڪڏهن منهنجي دل ۾ ملڪِ سَنۡجَرۡ جي ٿوري بہ هوس هجي تہ سَنۡجَر جي بادشاهه جي ڪاري رنگ جي تاج وانگر منهنجو نصيب بہ ڪارو ٿي وڃي انڪري جو جڏهن مون کي دولتِ نيم شبّ (يعني الله پاڪ جي ياد ۾ راتيون جاڳڻ) جي سَلطنت حاصل آهي ۽ سلطنتِ نِيمروز جي قيمت منهنجي نظر ۾ ”جَوَ“ جي داڻي جي برابر بہ ناهي.

(اخبار الاخيار، ص۔ 204)

حُبِّ دُنیا سے تُو بچا یارب
عاشقِ مُصطفٰے بنا یارب

حرصِ دُنیا نکال دے دل سے
بس رہوں طالبِ رضا یارب

(وسائلِ بخشش،ص 79)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ماڪيءَ جهڙو زهر

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! شهنشاهِ بغداد، حضورِ غوثِ پاڪ

حضرت شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: دنيا جون رونقون ۽ آسائشون ڏوڪو ڏيڻ واريون آهن. جنهن هنن کي حاصل ڪيو ڏوڪو کاڌو ۽ غافل ٿيو. جڏهن تون دنيا کي ان جي بُرائين سان دنيادارن جي هٿن ۾ ڏسين تہ ان کان ائين پري ٿي وڃ جيئن ڪنهن کي قضاءِ حاجت (واش روم) ڪندي ڏسندو آهي تہ بدبوءِ جي ڪري نڪ بند ڪري ڇڏيندو آهين ائين ئي تون ان کان بہ پنهنجو نڪ بند ڪري ڇڏ، جيئن تون ان شخص جي طرف ڏسڻ کان بچندو آهين ائين ئي ان کي بہ ڏسڻ کان بچ. الله پاڪ پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي انهن شين جي طرف خواهش ۽ آرزو واري نگاهہ کان بہ منع فرمايو آهي. (شرح فتوح الغيب (اردو)، ص 76 ملخصاً) الله پاڪ سيپاري 16، سورت طٰہٰ، آيت نمبر 131 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖۤ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ زَهْرَةَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ۬ لِنَفْتِنَهُمْ فِيْهِ ؕ وَرِزْقُ رَبِّكَ خَيْرٌ وَّ اَبْقٰى ﴿۱۳۱﴾

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ اي ٻڌندڙ! اسان مخلوق جي مختلف ٽولن کي دنيا جي زندگي جي جيڪا تازگي فائدو کڻڻ جي لاءِ ڏني آهي تہ جيئن اسان انهن کي ان بابت آزمايون پوءِ تون ان جي طرف پنهنجون اکيون نہ ڦهلاءِ ۽ تنهنجي ربّ جو رزق سڀ کان سٺو ۽ سڀ کان وڌيڪ باقي رهڻ وارو آهي.

دُنیا کو تُو کیا جانے یہ بِس کی گانٹھ ہے حرافہ — صورت دیکھو ظالم کی تو کیسی بھولی بھالی ہے

شہد دکھائے زہر پلائے، قاتل، ڈائن، شوہر کُش — اس مردار پہ کیا للچایا دُنیا دیکھی بھالی ہے

(حدائقِ بخشش، ص 186)

شرح ڪلامِ رضا: منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه دنيا جي مڪر و فريب ڪي بيان ڪندي فرمائن ٿا: اي الله جا ٻانها' تون دنيا ڪي ڇا ڄاڻين ٿو؟ شڪل ۽ صورت سان سادي نظر اچڻ واري هي دنيا "زهر جي پُڙي" آهي، هي ڌوڪيباز عورت جيان آهي، هيءَ اهڙي ظالم آهي جو زهر ڪي ماکي ٻڻائي ڪري ڏيکاريندي آهي ۽ جيڪو هن سان محبت ڪندو آهي هي پنهنجي عاشق ڪي ئي ماري ڇڏيندي آهي، هيءَ دنيا تمام خراب ۽ مُردار آهي ان سان دل لڳائڻ جو ڪوبہ فائدو نہ آهي، هي آزمايل ڳالهہ آهي.

عالمِ انقلاب ہے دنیا، چند لمحوں کا خواب ہے دنیا
فخر کیوں دل لگائیں اِس سے، نہیں اچھی خراب ہے دنیا

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دنيا سڪون ۽ راحت جو مقام نہ آهي

سلسلهءِ قادريہ رضويہ عطاريہ جا عظيم تابعي بزرگ، اهلبيتِ اطهار جي اکين جا تارا، حضرتِ امام جعفر صادق رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: جيڪو شخص اهڙي شيءِ جي خواهش ڪري جيڪا پيدا ئي نہ ٿي هجي اهو پاڻ کي ٿڪائڻ وارو شخص آهي. سندن خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: حضور اها ڪهڙي شيءِ آهي؟ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه فرمايو: دنيا ۾ آرام ۽ سڪون گهرڻ.

سلسلهءِ قادريہ رضويہ عطاريہ جا عظيم بزرگ، حضرت جنيد بغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: مون پنهنجي لاءِ هڪ اصول ناهي ڇڏيو آهي جنهن جي ڪري مان خوش آهيان ۽ اهو اصول هي آهي تہ دنيا

فتني ۾ مصيبت جي جڳهه آهي ۽ هن ۾ جيڪو بہ غم ۽ مصيبت پهچندي آهي هيءَ انهي (غم ۽ مصيبت) جي جڳهه آهي.

حضرت ابوتراب نَخْشبي رَحۡمَۃُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ماڻهو دنيا ۾ بہ شيون گهرندا آهن پر انهن کي حاصل ناهن ڪري سگهندا ۽ اهي بہ شيون سڪون ۽ خوشي آهن ۽ هنن جو وجود جنّت ۾ آهي.

(شرح فتوح الغيب(اردو) ،ص 167 ماخوذاً)

اس جہاں میں ہر طرف ہیں مشکلیں ہر جگہ ہیں آفتیں ہی آفتیں
کچھ گھرے غم میں تو کچھ بیمار ہیں تو کئی قرضے کے زیرِ بار ہیں
ہیں بہت کم لوگ دنیا میں سکھی اکثر افراد اِس جہاں میں ہیں دُکھی
مت لگا تُو دل یہاں پچھتائے گا کس طرح جنّت میں بھائی جائے گا ؟
لندن و پیرِس کے سپنے چھوڑ دے بس مدینے ہی سے رِشتہ جوڑ لے
دل سے دنیا کی مَحبَّت دور کر دل نبی کے عشق سے معمور کر
اشک مت دنیا کے غم میں تُو بہا ہاں نبی کے غم میں خوب آنسو بہا

(وسائلِ بخشش،ص 710،709 ملتقطاً)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## قَناعت جي ترغيب

منهنجا پير و مرشد، حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحۡمَۃُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ٿوري رزق تي خوش رهہ ۽ هن ڪي لازم پڪڙ ايستائين جو تنهنجو وقت پورو ٿي وڃي ۽ پوءِ توکي ان کان بهتر جي طرف موٽايو وڃي ۽ تون جاٽي چڏ تہ نہ گهرڻ سان تنهنجو حصو ختم نہ ٿيندو ۽ جيڪو حصو تنهنجو ناهي اهو حرص جي

سبب گهرڻ سان توکي نہ ملندو جنهن حال ۾ الله پاڪ توکي رکيو آهي انهيءَ حال ۾ خوش رهہ ۽ الله پاڪ جي رضا تي راضي رهہ. (فتوح الغيب (اردو)، ص 62-63 ملخصاً)

## پلائي جي دروازي کي غنيمت ڄاڻيو

غوثِ پاڪ جي نانا سائين، رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن جي لاءِ ڀلائي جو دروازو کوليو وڃي تہ ان کي گهرجي تہ ان کي غنيمت ڄاڻي ڇوتہ اهو نٿو ڄاڻي تہ ڪڏهن دروازو بند ٿي وڃي. (الزهد لابن المبارک، ص 38، حديث: 117)

پيرانِ پير شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (اي انسانو!) جيستائين زندگي جو دروازو کليل آهي ان کي غنيمت سمجهو ڇوتہ عنقريب هي دروازو بند ٿيڻ وارو آهي، جيتريون نيڪيون ڪري سگهو ٿا ڪيو ۽ توبهہ جي دروازي کي بہ غنيمت ڄاڻيو ۽ هن ۾ داخل ٿي وڃو يعني توبهہ ڪري وٺو. نيڪ ماڻهن جي اجتماعن کي بہ غنيمت ڄاڻيو. (الفتح الربانی، ص 29)

سونے والے ربّ کو راضی کر کے سو　　　کیا خبر اُٹھے نہ اُٹھے صُبح کو

## خدمت ڪيو، خدمت ڪئي ويندي

منهنجا مُرشد حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (اي انسانو!) الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪيو، توهان جي اطاعت ڪئي ويندي، الله پاڪ جي رضا تي راضي رهو، تقدير جي فيصلي جي اڳيان مٿو جهڪايو، هي توهان جي سامهون جهڪي ويندا ۽ خادم بڻجي ويندا. ڇا توهان ناهي ٻڌو تہ جهڙو ڪندين تهڙو

پوڳيندين. الله پاڪ پنهنجي ٻانهن تي ذري برابر بہ ظلم ناهي ڪندو بلڪ الله پاڪ گهڻ عمل تي تمام گهڻو عطا فرمائيندو آهي. جڏهن تون الله پاڪ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪندين تہ مخلوق ۾ مخدوم (يعني جنهن جي خدمت ڪئي وڃي) بڻايو ويندين. (الفتح الربانی، ص 44ملخصاً) شايد اهڙي ئي موقعي جي لاءِ ڊاڪٽر اقبال چيو آهي:

خُودی کو کر بلند اتنا کہ ہر تقدیر سے پہلے
خدا بندے سے خود پوچھے بتا تیری رضا کیا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعائون گُهرو

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! منهنجا پيرو مرشد، شهنشاهِ بغداد حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ڪامل ولي بلڪ ولين جا امام ۽ ولين جا سردار آهن. منهنجا پيرو مرشد غوثِ اعظم پنهنجي وقت جا مفتيءِ اعظم ۽ زبردست مبلغ، بهترين ناصح (يعني نصيحت ڪرڻ وارا) هئا. قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ سندن بيانات اهڙا تاثِير وارا هوندا هئا جو ماڻهن جون تقديرون بدلجي وينديون هيون، ڪيترا ئي ماڻهو مسلمان ٿي ويندا ۽ گنهگار توبه ڪري نيڪي جو رستو اختيار ڪندا هئا، سندن ستر ستر هزار جو اجتماع ٿيندو هو ۽ ماڻهو توجه سان بيان ٻڌندا هئا. منهنجي پير و مرشد دعا جي متعلق بہ پيارا پيارا مدني گل ارشاد فرمايا آهن جيئن تہ

## دعا ضرور گهرو

شهنشاهِ بغداد، حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (اي انسان!) هيئن نہ چئو تہ مان الله پاڪ کان دعا نہ گهرندُس اگر منهنجي قسمت ۾ هوندو تہ ملي ويندو چاهي مان گهُران يا نہ گهُران، بلڪ دنيا ۽ آخرت ۾ توکي جنهن جنهن خير ۽ ڀلائي جي ضرورت آهي الله پاڪ جي بارگاه ۾ ان جي متعلق سوال ڪر سواءِ ناجائز ۽ گناهن ڀري دعا جي، چوتہ الله پاڪ دعا گهرڻ جو حڪم قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمايو آهي جيئن تہ سيپارو 24 سورةُ المؤمن آيت نمبر 60 ۾ ارشاد ٿئي ٿو: اُدْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ترجمو ڪنزُالعرفان: مون کان دعا ڪيو مان توهان جي دعا قبول ڪندس. ۽ سيپارو 5 سورةُ النساء، آيت نمبر 32 ۾ ارشاد ٿئي ٿو: وَ سْـَٔلُوا اللّٰهَ مِنْ فَضْلِهٖ ترجموڪنزُ العرفان: ۽ الله کان ان جو فضل گهرو

(فتوح الغيب (اردو)، ص 154 ملخصاً)

ہے تیرا فرماں اُدْعُوْنِیْ ہے یہ دعا ہو قبر نہ سُونی
جلوۂ یار سے اِس کو بسانا یااللہ مری جھولی بھر دے

(وسائلِ بخشش،ص 122)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حديثِ پاڪ ۾ دعا جي ترغيب

الله ڪريم جي پياري پياري آخري نبي مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله پاڪ کان قبوليت جي يقين سان دعا گهرندا

ڪيو. (ترمذی، 292/5، حديث: 3490)

شيخ محقق، حضرت علامہ عبدُ الحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: دعا اهڙي هجڻ گهرجي جو ان جي قبوليت ۾ شڪ ۽ شبهو نہ هجي بلڪ يقين هجي ڇوتہ يقين سان دعا گهرڻ قبول ٿيڻ جو اثر رکي ٿي. (شرحِ فتوح الغيب (اُردو)،ص462 ملخصاً) شڪ سان دعا نہ گهري جو ڏسون دعا قبول ٿئي ٿي يا نہ، بلڪ جڏهن بہ دعا گهرو تہ ان يقين سان گهرندا ڪيو تہ الله پاڪ قبول ڪندو.

## دعا گهرڻ جو فائدو

منهنجا پير و مرشد حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (اي انسان) بارگاهِ الٰهي ۾ هي عرض نہ ڪر تہ مان الله پاڪ کان دعا گهرندو آهيان ۽ هو قبول ناهي فرمائيندو بلڪ (قبول ٿيڻ، نہ ٿيڻ جي خيال کي دل مان ڪڍي ڪري) هميشہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا گهرندو رهہ ڇوتہ جيڪو تو گهريو آهي جيڪڏهن اهو تنهنجي قسمت ۾ هوندو تہ هو تنهنجي دعا کان بعد توکي ملي ويندو ۽ هن طرح تنهنجي يقين کي اجان مضبوط ڪندو ۽ جيڪڏهن تنهنجي دعا ۾ گهريل شيءِ تنهنجي قسمت ۾ نہ هوندي تہ تنهنجو ڌيان ان کان هٽائي ڇڏيندو ۽ جيڪڏهن توتي ڪنهن جو قرض هوندو (۽ تو دعا ڪئي) تہ الله پاڪ قرض وٺڻ واري جي دل کي تنهنجي طرف کان ڦيري ڇڏيندو تہ اهو توکي پنهنجو قرض معاف يا گهٽ ڪري ڇڏيندو يا هي تہ اهو سخت لهجي ۾ قرض جو مطالبو ڪرڻ جي بدران نرمي يا دير ۽ آساني سان واپس ڏيڻ جو مطالبو ڪندو ايستائين جو توکي آساني ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن اهو دنيا ۾

تنهنجو قرض معاف يا گهٽ نہ بہ ڪري تہ الله پاڪ تنهنجي ان دعا جنهن جو اثر دنيا ۾ ظاهر نہ ٿيو توکي قيامت ۾ ان جي بدلي عظيم ثواب عطا فرمائيندو ڇوتہ هو وڏي ڪرم وارو، غني ۽ رحم فرمائڻ وارو آهي. هن جي پاڪ بارگاھ ۾ جيڪو بہ دعا گهرندو آهي الله ڪريم ان کي خالي هٿين ناهي موٽائيندو لهٰذا تنهنجي دعا جو دنيا يا آخرت ۾ تنهنجي لاءِ ڪو نہ ڪو فائدو ضرور آهي. (شرح فتوح الغيب(اردو)، ص460-461 ملخصاً) يعني دعا ضايع ناهي ٿيندي، دعا جا فائدا ضرور حاصل ٿيندا آهن.

میں ہوں بندہ تُو ہے مولیٰ تُو ہے قادِر میں ناکارہ
میں منگتا تُو دینے والا یااللہ مری جھولی بھر دے

(وسائلِ بخشش،ص 122)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعا جي بدلي قيامت ۾ نيڪيون

هڪ روايت ۾ آهي: مسلمان قيامت جي ڏينهن پنهنجي اعمالنامي ۾ اهڙيون نيڪيون ڏسندو جو ان دنيا ۾ نہ ڪيون هونديون ۽ نہ ئي ان جي باري ۾ ڄاڻيندو هوندو تہ ان کي چيو ويندو هي تنهنجي ان دعا جو ثواب آهي جيڪا تو دنيا ۾ گُهري هئي. (شرح فتوح الغيب(اردو)، ص155)

## دعا جي قبوليت ۾ دير ٿيڻ تي

حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: اي خُدا جا ٻانها! تون دعا جي قبوليت ۾ دير ٿيڻ جي ڪري پنهنجي ربَّ ڪريم کان

ناراض ٿيندو آهين، تون چوندو آهين تہ الله پاڪ ماڻھن ڪان گھرڻ منع فرمايو ۽ پنھنجي بارگاھ ۾ گھرڻ لازم فرمايو آهي ۽ مان ان جي بارگاھ ۾ دعا گھرندو آھيان تہ منھنجي دعا قبول ناهي ٿيندي، تون ائين نہ چئو. اي نادان انسان! توکي چيو وڃي تہ تون آزاد آهين يا غلام (يعني الله پاڪ جي احڪامن جو پابند آهين يا ھنن ڪان آزاد آهين)؟ جيڪڏھن تون چئين تہ مان آزاد آھيان تہ تون ڪافر آهين (چو تہ تو الله پاڪ جي احڪامن ڪان بيزاري جو اظهار ڪيو آهي) ۽ جيڪڏھن تون چئين تہ مان غلام ٻانهو (يعني پابند) آھيان تہ پوءِ توکي چيو ويندو تہ دعا جي قبوليت جو اثر ظاهر نہ ٿيڻ يا ان ۾ دير ٿيڻ جي ڪري پنھنجي خالق و مالڪ الله پاڪ تي الزام هڻندو آهين تہ ھو منھنجي دعا ٻڌندو ئي ناهي جيڪڏھن تون ھي خيال نہ ڪرين ها ۽ دعا جي قبوليت جو اثر ظاهر نہ ٿيڻ کي الله پاڪ جي حڪمت ۽ مصلحت سمجھين ها تہ توتي الله پاڪ جو شڪر ڪرڻ لازم آهي چوتہ ان تنھنجي دعا ۾ گھريل شيءِ ڪان بهتر شيءِ، نعمت (يعني آخرت ۾ ثواب) جو ارادو فرمايو آهي. (فتوح الغيب(اردو)،ص151تا152)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ منھنجي دعا ناهي ٻڌندو يا قبول ناهي ڪندو وغيره نہ چيو وڃي بلڪ ٻانهو سوچي تہ الله پاڪ مون کي ڪيترا احڪام ڏنا آهن تہ فلاڻو ڪم ڪر فلاڻو ڪم نہ ڪر، مان الله پاڪ جي ڪيتري ڳالھ مڃيندو آھيان؟ ڪھڙي حڪم تي عمل ڪيان ٿو؟ سمجھائڻ جي لاءِ مثال ڏئي رهيو آھيان يعني اسان اُن جي ڳالھ نہ مڃون ۽ ھو اسان جي ڳالھ پوري نہ ڪري تہ اسان اُن کان شڪوا شڪايت ڪيون تہ ھو منھنجي ڳالھ نٿو ٻڌي.

الله پاڪ سميع ۽ بصير آهي يعني ٻڌندو ۽ ڏسندو آهي اُن واعدو ڪيو آهي تہ اُدْعُوْنِیْۤ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ (سيپارو، المؤمن: 60) يعني توهان مون کان دعا گهرو مان توهان جي دعا قبول ڪندس. البت دعا جي قبوليت جون ڪجھ صورتون غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ارشادن جي روشني ۾ مٿي بيان ٿيون. نہ تہ دعا جي قبوليت جو ثواب قيامت جي ڏينهن جي لاءِ ذخيرو ٿيندو جيڪو في الحال اسان تي ظاهر نہ آهي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! قيامت ۾ ڏسنداسين.

## الله پاڪ کان ڪهڙي دعا ڪرڻ گهرجي

منهنجا مُرشد حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ کان پنهنجي پوين گناهن جي معافي، آئنده گناهن کان بچڻ، چڱي طرح اُن جي عبادت ڪرڻ، چڱي موت ۽ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام صديقن، شهيدن ۽ نيڪ ٻانهن سان ملاقات جون دعائون گهرندو ڪر، هي ڪيترا نيڪ ٻانها آهن. (فتوح الغيب، ص154)

يعني مان قيامت جي ڏينهن انهن سان گڏ اٿان، منهنجي انهن سان ملاقات ٿئي ۽ مونکي انهن جون برڪتون مِلن هي دعائون بہ گهرندا ڪيو.

میں گناہوں میں لتھڑا ہوا ہوں بد سے بدتر ہوں بگڑا ہوا ہوں
عَفوِ جُرم و قصور و خطا کی میرے مولیٰ تو خیرات دیدے
ہو کرم از طفیلِ مدینہ میں نہ ہرگز پھروں کر کے توبہ
عَفوِ جُرم و قُصور و خطا کی میرے مولیٰ تو خیرات دیدے
مکرِ شیطان سے تو بچانا ساتھ ایماں کے مجھ کو اٹھانا

نَزع میں دیدِ بدرُ الدُّجےٰ کی — میرے مولیٰ تو خیرات دیدے
اَزپئے غوثِ اعظم ولایت — اپنی رَحمت سے فرما عنایت
اپنی، اپنے نبی کی وِلا کی — میرے مولیٰ تو خیرات دیدے

(وسائلِ بخشش،ص 128،127،126 ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مكتبةُ المدينہ جو ڪتاب "فضائلِ دعا"

دعا جي متعلق گھڻي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ والدِ اعليٰ حضرت حضرتِ علامہ مولانا نقي علي خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو ڪتاب "اَحْسَنُ الْوِعَا لِآدَابِ الدُّعا" جنهن جو اردو ترجمو "فضائلِ دعا" جي نالي سان مكتبةُ المدينہ ڇاپيو آهي ان جو مطالعو ڪيو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! توهان جي معلومات ۾ تمام گھڻو اضافو ٿيندو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## آخرت اصل آهي ۽ دنيا ان جو نفعو آهي

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! هر ڪاروبار (Business) ڪرڻ وارو پنهنجي راسُ الْمال (يعني اصل سرمائي) (Capital) کي استعمال (Invest) ڪري منافعو (Profit) ڪمائيندو آهي، ڇا توهان ڪڏهن اهڙو ماڻهو ڏٺو آهي جيڪو پنهنجي اصل مال (Capital) جي حفاظت نہ ڪري بلڪ فقط نفعي تي خوش ٿيندو رهي؟ ڪوبہ سمجهدار ماڻهو ائين ناهي ڪندو بلڪ سيني جون نظرون ڪيپٽل تي هونديون آهن تہ ان ۾ گھٽتائي نہ هجڻ گھرجي جيڪڏهن اصل مال

ختم ٿي ويو تہ نفعو ڪٿان ايندو؟ ڇوتہ نفعو اصل مال جي ئي ڪري حاصل ٿي رهيو آهي.

هاڻي ٿورو غور سان پڙهو تہ ”هڪ مسلمان جو راسُ المال (يعني اصل سرمايو) ۽ نفعو ڇا هجڻ گهرجي“ هن بابت منهنجا مُرشد، شهنشاهِ بغداد، حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (اي شخص) پنهنجي آخرت کي اصل مال ۽ دنيا کي ان جو نفعو بڻائجانءِ جو آخرت (راسُ المال) آهي ۽ دنيا نفعو آهي. پهريان آخرت کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو وقت خرچ ڪر پوءِ جيڪڏهن وقت بچي تہ دنيا ۾ رزق حلال (وغيره) جي طلب ۾ خرچ ڪر. پنهنجي دنيا کي اصل مال ۽ آخرت کي ان جو نفعو نہ بڻاءِ اهو هن طرح تہ جيڪڏهن ڪجهہ وقت ملي تہ آخرت جي لاءِ خرچ ڪرين يعني خامي ۽ ڪوتاهي سان جلدي جلدي پنج ئي نمازون ادا ڪرين يا دنيا ڪمائي ڪري ٿڪاوٽ ٿي وڃي ۽ تون نماز ادا ڪرڻ جي بدران مُئل جيان رات جو سُتل رهين. (شرح فتوح الغيب (اردو)، ص 290 ملخصاً)

سبحان الله! منهنجي مُرشد غوثِ پاڪ تمام بهترين انداز ۾ سمجهايو آهي، مولانا رومي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

زندگی آمد برائے بندگی     زندگی بے بندگی شرمندگی

”يعني اسان کي زندگي ملي ئي ربَّ ڪريم جي عبادت ۽ بندگي جي لاءِ آهي.“ قرآن ڪريم مان هن شعر جي تائيد ٿئي ٿي: وَ مَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ ﴿۵۶﴾ (سيپارو 27، الذّريٰت: 56) ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ مون جن ۽ انسان انهي ڪري بڻايا تہ منهنجي عبادت ڪن.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو: زندگي مال ۽ دولت جمع ڪرڻ جي لاءِ ناهي ملي، بلڪ زندگي عبادت جي لاءِ ملي آهي جيڪڏهن عبادت جي بغير زندگي گذاري ته قيامت جي ڏينهن شرمندگي ٿيندي، پوءِ ڪجھ هٿ نه ايندو. جنهن دنيا کي راسُ المال بڻايو ته ان جو راسُ المال دنيا ۾ ختم ٿي ويو. جڏهن ته حقيقت ۾ آخرت ڪيپٽل (يعني اصل سرمايو) هئي، ڪيپٽل بچائڻ وسري ويو.

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اسان کي نصيحت ڪندي فرمائن ٿا:

دن لہو میں کھونا تجھے شب صبح تک سونا تجھے — شرمِ نبی خوفِ خدا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں
رزقِ خدا کھایا کیا فرمانِ حق ٹالا کیا — شکرِ کرم ترسِ سزا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں

(حدائقِ بخشش، ص 111)

شرح ڪلام رضا: منهنجا آقا، اعليٰ حضرت امام اهلسنت دنياوي ڪمن ۾ ڦاٿل دنيادار کي طعنو ڏيندي فرمائن ٿا: اي نادان تون خُدا جي عبادت کان منهن موڙي سڄو ڏينهن راند روند ۾ گذاريندو آهي ۽ رات ۾ خُدا کي ياد ناهين ڪندو بلڪ صبح تائين بستري تي سُتو پيو هوندو آهين، توکي پنهنجي پياري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي قيامت جي ڏينهن منهن ڏيکارڻ ۾ شرم نه ايندي ۽ ڇا تون الله پاڪ کان به نه ٿو ڊڄين؟ تون الله پاڪ جو عطا ڪيل رزق کائين ٿو ۽ پوءِ به ان جي فرمانبرداري نٿو ڪرين، الله پاڪ جا توتي ايترا احسان آهن جو هنن احسانن جي شڪر ۾ الله

پاڪ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري جي طرف چونہ ٿو اچين ۽ نہ ئي ان جي عذاب کان ڊڄين ٿو نہ اطاعت جي طرف اچين ٿو؟ تون ڪيترو نادان، غافل ۽ ناشڪرو آهين.

بے وفا دنیا پہ مت کر اِعتبار　　تُو اچانک موت کا ہوگا شکار
کام مال و زر نہیں کچھ آئے گا　　غافل انساں یاد رکھ پچھتائے گا
کر لے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی　　قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

(وسائلِ بخشش،ص711، 712)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪي جي رستي تي لڳي وڃ

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اي نادان شخص! توکي حڪم ڏنو ويو آهي تہ تون پاڻ کي سلامتي واري رستي تي هلاءِ ۽ سلامتي جا رستا آخرت ۽ الله پاڪ جي عبادت جا رستا آهن، جيڪڏهن نفس ۽ شيطان جي خواهشن جي پيروي ڪندين تہ دنيا ۽ آخرت جي چڱائي توکان هلي ويندي، پوءِ تون قيامت جي ڏينهن سڀ کان وڌيڪ نيڪين جي معاملي ۾ غريب هوندين، آخرت کي پنهنجو اصل مال بڻاءِ تہ تون دنيا ۽ آخرت ۾ فائدو ڪٽندين. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ آخرت جي نيت تي دنيا عطا فرمائي ڇڏيندو آهي پر دنيا جي نيت تي آخرت عطا فرمائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو آهي.

(الزهد لابن مبارک، ص 193، حديث: 549)

## هي جهان تنهنجي لاءِ ۽ تون خُدا جي لاءِ

حضور غوثِ پاڪ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ارشاد فرمائن ٿا: الله پاڪ پنهنجي نازل ڪيل ڪنهن ڪتاب ۾ فرمايو آهي: اي ابنِ آدم (يعني اي انسان)! مان الله آهيان، مون ڪانسواءِ ڪو عبادت جي لائق نہ آهي، مان ڪنهن شيءِ کي ”کُنْ“ (يعني ٿي وڃ) فرمائيندو آهيان تہ اها ٿي ويندي آهي تون منهنجي فرمانبرداري ڪر مان توکي اهڙو ڪري ڇڏيندُس جو تون چوندين: ”ٿي وڃ“ تہ اها شيءِ ٿي ويندي ۽ فرمايو: اي دنيا! جيڪو منهنجي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪري تون ان جي خدمت ڪر ۽ جيڪو تنهنجي خدمت ڪري تون ان کي رنج ۽ مصيبت ۾ رک. (فتوح الغيب (اردو)، ص 44 ملخصاً)

جانور پیدا ہوئے تیری وفا کے واسطے  چاند سورج اور ستارے تیری ضیا کے واسطے
کھیتیاں سرسبز ہیں تیری غذا کے واسطے  سب جہاں تیرے لئے ہے اور تُو خُدا کے واسطے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!  صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## رحمتِ اِلٰهي جو پاڙو

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: جڏهن تون دنيا کان بي رغبت ٿي ڪري الله پاڪ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪندين تہ تون الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن ۽ محبت ڪرڻ وارن ۾ هوندين ۽ توکي جنّت ۽ الله پاڪ جو پاڙو نصيب ٿيندو، دنيا تنهنجي خدمت ڪندي ۽ الله پاڪ توکي دنيا ۾ تنهنجو جيترو جيترو حصو آهي پورو پورو عطا فرمائيندو ان ڪري جو هر

شيءِ پيدا ڪرڻ واري جي اختيار ۾ آهي ۽ جيڪڏهن تون آخرت کان منهن موڙيندي دنيا ۾ مشغول ٿيندي تہ الله پاڪ توکان ناراض ٿيندو، دنيا تنهنجي نافرماني ڪندي ۽ تنهنجو جيترو حصو دنيا ۾ آهي دنيا تو تائين پهچائڻ ۾ توکي سختي ۾ وجهندي ڇوتہ اها الله پاڪ جي مِلڪ ۽ خادم آهي ۽ جيڪو الله پاڪ جو فرمانبردار هجي هي ان جي عزت ڪندي آهي. (فتوح الغيب (اردو)، ص96تا97ملخصاً)

## دنياءِ آخرت جو مثال

مسلمانن جا چوٿان خليفہ حضرت مولا علي المرتضيٰ، شيرِ خُدا رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: دنيا ۽ آخرت جو مثال مشرق ۽ مغرب جهڙو آهي، تون انهن مان ڪنهن هڪ کان جيترو ويجهو ٿيندين ٻئي کان اوترو ئي پري ٿي ويندين يا انهن جو مثال ٻن ساهيڙين جهڙو آهي، تون انهن مان ڪنهن هڪ کي خوش ڪندين تہ ٻئي ناراض ٿي ويندي. (ميزان العمل للغزالی ، ص46) ڪنهن جون ٻہ گهرواريون هجن تہ ٻَئي گهرواريون هڪٻئي جون ساهيڙيون چورائيندڙيون آهن.

## دنيا وارو يا آخرت وارو

الله ڪريم قرآنِ عظيم جي سيپاري نمبر 4 سورة آلِ عمران جي آيت 152 ۾ ارشاد فرمائي ٿو: مِنۡكُمۡ مَّنۡ يُّرِيۡدُ الدُّنۡيَا وَ مِنۡكُمۡ مَّنۡ يُّرِيۡدُ الۡاٰخِرَةَ ترجمو ڪنزُالعرفان: توهان مان ڪو دنيا جو طلبگار آهي ۽ توهان مان ڪو آخرت جو طلبگار آهي.

منهنجا مرشد غوثِ پاڪ رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: چيو ويندو آهي: ”دنيا وارا ۽ آخرت وارا“ تون ڏس تہ تون ڪهڙن مان آهين؟ ۽ دنيا

۾ رهندي کهڙي ٽولي مان هجڻ کي ناپسند ڪرين ٿو پوءِ جڏهن تون آخرت ڏي رجوع ڪندين ته هڪ ٽولو جنّت ۾ ۽ هڪ جهنم ۾ هوندو هڪ گروهه حساب جي ڏِگهي ٽيڻ جي ڪري 50 هزار سال جي هن هڪ ڏينهن ۾ ميدانِ قيامت ۾ بيٺو هوندو ڇوته قيامت جو هڪ ڏينهن پنجاهه هزار سال جو آهي، هڪ گروهه عرش جي ڇانوَ ۾ ان دسترخوان تي هوندو، جنهن تي سُنا سُنا کاڌا، ميوا ۽ برف کان به وڌيڪ سفيد ماکي هوندي، اهي پنهنجي ٺڪاڻي جي طرف ڏسندا هوندا ايستائين جو مخلوق جڏهن حساب ۽ ڪتاب کان فارغ ٿيندي هي ماڻهو جنّت ۾ داخل ٿيندا ۽ پنهنجي گهرن جي طرف ويندا.

(فتوح الغيب(مترجم)،ص97۔شرح فتوح الغيب (اردو)، ص 291ملخصاً)

هاڻي ڏس ته تون ڪنهن مان آهين دنيا وارن مان يا آخرت وارن مان. الله ڪريم! اسان کي آخرت وارن مان ڪري. ياد رهي ته آخرت وارو هجڻ جو هي مطلب نه آهي ته ٻانهو والدين کي گهران ڪڍي ڇڏي، زال ٻارن کي گهران ڪڍي ڇڏي بلڪ مطلب هي آهي ته انهن سان گڏ رهندي آخرت کي سامهون رکي ڪري پنهنجي زندگي گذاري. واپار (بزنس)، نوڪري (جاب) ڪري پر نمازون ۽ ٻيون عبادتون به ڪندو رهي ۽ هر گناهه کان پاڻ کي بچائيندو رهي دنيا ۾ رهندي شريعت جي پابندي ڪري، سنت جي مطابق زندگي گذاري ته اهڙو شخص آخرت وارو آهي. صرف دنيا ڪمائڻ جو خيال هجي ته

کہاں کا حرام اور کہاں کا حلال    جو صاحب کھلائے وہ چٹ کیجئے

وياج، رشوت، چوري ۽ ڌاڙو، ڌوکيبازي وغيره مطلب ته جهڙي به حرام ذريعي سان اچي ٿو ته بس اچڻ ڏي، هي خراب دنيا وارو آهي.

دنيا جي جائز محبت جنهن ۾ حلال مال جمع ڪرڻ گناه جو ڪم ناهي پر تي سگهي ٿو تہ هي مال ان کي غفلت ۾ وٺي وڃي، عبادت ۽ نيڪين کان پري ڪري. ڪيئي ڀيرا ائين ٿيندو بہ آهي. وڏيڪ هيءُ تہ حلال مال تي قيامت جو حساب تمام ڏکيو (يعني سخت) ورتو ويندو تہ هي ڪٿان حاصل ڪيو، ڪيئن حاصل ڪيو، ڪٿي ڪٿي خرچ ڪيو؟ هي جواب ڏيڻ آسان نہ آهي ۽ حرام مال تي سزا آهي.

تو بے حساب بخش کہ ہیں بے شمار جرم دیتا ہوں واسطہ تجھے شاہِ حجاز کا

(ذوق نعت، ص18)

## دنيا آخرت جي ڪيتي آهي

انسان قيامت جي ڏينهن ڀلائي ۽ بُرائي کي ياد ڪندو جيڪو دنيا ۾ ڪَري چڪو آهي تہ اتي ان وقت شرمندگي ڪجهہ فائدو نہ ڏيندي، موت کان پهريان موت کي ياد ڪرڻ ۾ بيشڪ فائدو آهي، فصل لُڻندي وقت، فصل ۽ ٻج کي ياد ڪرڻ فائدي مند ناهي، جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: ''اَلدُّنْيَا مَزْرَعَةُ الْآخِرَةِ'' يعني دنيا آخرت جي ڪيتي آهي، لهٰذا هتي جهڙو پوکينداسين اهڙو ئي آخرت ۾ لُڻنداسين. جيڪو شخص سُٺو فصل پوکيندو يعني ڀلائي جا ڪم ڪندو نيڪيون ڪندو اهو ئي قابلِ رشڪ هوندو ۽ جيڪو بُرائي ڪندو آخرت ۾ شرمنده ٿيندو جو نيڪيون ڪرڻ وارو ڀلائي جو فصل لُڻندو ان کي سُٺو صلو ملندو ۽ جيڪو بُرو فصلَ (بُرائيون) پوکيندو تہ اهو آخرت ۾ عذابن جو فصلَ لُڻندو. ۽ جڏهن موت تنهنجي سامهون هجي ان وقت تون بيدار ٿئين تہ ڪهڙو فائدو؟

(الفتح الربانی، ص 30 ملخصاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو: مرڻ واري جي باري ۾ اسان وٽ چيو ويندو آهي تہ اُن اک بند ڪري ورتي حقيقت هيءَ آهي تہ اک بند ناهي ٿيندي بلڪ مرڻ سان اک کُلندي آهي، مرڻ کان پوءِ انسان سان جيڪو ٿي رهيو هوندو آهي اهو سڀ ڏسندو آهي، پر ڪجهہ ڪري ناهي سگهندو.

شهزادهءِ اعليٰ حضرت، حضور مفتيءِ اعظم هند مولانا مصطفيٰ رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه خاص ڪري نوجوانن کي اُڀاريندي پنهنجي جواني ۾ پاڻ کي چئي رهيا آهن:

ریاضت کے یہی دن ہیں بڑھاپے میں کہاں ہمت
جو کچھ کرنا ہے اب کرلو ابھی نُوری جَواں تم ہو

(سامانِ بخشش،ص159)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جهڙو شان تهڙي آزمائش

سيدي و مرشدي حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ پنهنجي مومن ٻانهي کي هميشہ سندس قوتِ ايماني جي مطابق آزمائيندو آهي تہ جنهن جو ايمان گهڻو مضبوط هوندو تہ ان جي آزمائش بہ وڏي ٿيندي آهي، نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عالي شان آهي: "اَنَّا مَعَاشِرُ الْاَنْبِيَاءِ اَشَدُّ النَّاسِ بَلَاءً اسان انبياء جي گروهہ جي آزمائش سڀني ماڻهن کان وڌيڪ سخت هوندي آهي." (الحديث المختاره، 246/3، حديث: 1053مفهوماً) الله پاڪ سيد سڳورن کي هميشہ آزمائش ۾ رکندو آهي تہ جيئن اهي هر وقت حضوري ۾

رهن ۾ بيداري کان غافل نہ ٿين! ڇوتہ الله پاڪ هنن سان محبت رکندو آهي؟ اهي اهلِ محبت ۾ الله پاڪ جا محبوب (يعني پسنديده) آهن. (فتوح الغيب (اردو)، ص61 ملخصاً)

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! منهنجي پير و مرشد حضور غوثِ اعظم سيدنا شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي هن فرمان ۾ غم جي ماريلن، ڏکايلن، بي قرارن جي لاءِ وڏي راحت جو سامان آهي، زندگي ۾ مختلف موقعن تي آزمائش ۽ تڪليفن جو اچڻ گناهن جي معافي، درجات جي بُلندي جو باعث آهي ۽ ربَّ جي رحمت جي نزول جو سبب بہ ٿي سگهي ٿو. حديثِ پاڪ ۾ آهي: ”الله پاڪ جڏهن ڪنهن قوم سان محبت فرمائيندو آهي تہ ان کي آزمائش ۾ مبتلا فرمائي ڇڏيندو آهي.“ ( مسند امام احمد، 163/9، حديث:23702ملتقطاً)

اسان کي گهرجي تہ هر معاملي ۾ ربَّ جي رضا ۾ راضي رهون. انهيءَ ۾ بنهي جهانن جي ڀلائي ۽ بهتري آهي. هڪ ٻئي مقام تي حضور غوثِ پاڪ شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: انسان ۾ ڪيترائي گناهہ، خطائون ۽ جُرم موجود آهن، ۽ مختلف قسم جي گناهن ۾ مبتلا ٿيڻ وارو شخص الله پاڪ جي قرب (يعني نزديڪي) جي صلاحيت ناهي رکندو، جيستائين گناهن جي نجاست کان پاڪ نہ ٿي وڃي، جيئن بادشاهہ وٽ ويهڻ جي صلاحيت ان کي هوندي آهي جيڪو نجاستن ۽ بدبوءِ ۽ مٽي ڌوڙ کان پاڪ صاف هجي، لهٰذا بلائون ۽ مصيبتون وغيره گناهن جو ڪفارو ۽ انهن کي مِٽائڻ واريون آهن. جيئن تہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”هڪ رات جو بخار هڪ سال جو ڪفارو آهي.“

(موسوعۃ لابن ابی الدنيا، 4/ 239، حديث:50۔فتوح الغيب( اردو)،ص55ملخصاً)

حضرتِ شيخ عبدُ الحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بيماريون گنهگارن کي گناهن کان پاڪ ۽ نيڪوڪارن جا درجات بُلند ڪنديون آهن، جڏهن بخار جي مدت، ٻانهي جي عُمر کان وڌيڪ هجي ۽ تمام گناهن کي مٽائي ڇڏي تہ يقيناً بخار جي بقيہ مدّت ان ٻانهي جي درجات ۾ بُلندي جو سبب بڻجندي.

(شرح فتوح الغيب (اردو)، ص 177ملخصاً)

زباں پہ شکوهِ رنج و اَلم لایا نہیں کرتے　　نبی کے نام لیوا غم سے گھبرایا نہیں کرتے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”صبر“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان مصيبتن تي صبر جا ٽي فضائل

(1) الله پاڪ فرمائي ٿو: ”جڏهن مان پنهنجي ڪنهن ٻانهي کي ان جي جسم، مال يا اولاد جي ذريعي آزمائش ۾ مبتلا ڪيان، پوءِ اهو صبرِجميل[4] سان ان جو استقبال ڪري تہ قيامت جي ڏينهن مونکي حياء ايندي تہ ان جي لاءِ ميزان قائم ڪيان يا ان جو اعمالنامو کوليان.“ (نوادر الاصول ، ص700، حديث:963)

(2) صحابيءِ رسول حضرت سعد بن ابي وقاص رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مون عرض ڪيو: ”يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! سڀ کان وڌيڪ مصيبتون ڪهڙن ماڻهن تي آيون؟“ فرمايائون: ”انبياء ڪرام

---

[4]... صبرِ جيميل يعني سڀ کان بهترين صبر هي آهي تہ مصيبت ۾ مبتلا شخص کي ڪير بہ نہ سڃاڻي سگهي، ان جي پريشاني ڪنهن تي ظاهر نہ ٿئي.

( احياء العلوم، 4 / 91)

علیہم السّلام تي پوءِ انهن کان بعد جيڪي ماڻهو بهتر آهن پوءِ انهن کان بعد جيڪي بهتر آهن، ٻانهي کي ان جي دينداري جي اعتبار سان مصيبت ۾ مبتلا ڪيو ويندو آهي جيڪڏهن اهو دين ۾ سخت هوندو آهي ته ان جي آزمائش به سخت ٿيندي آهي ۽ جيڪڏهن اهو دين ۾ ڪمزور هوندو آهي ته الله پاڪ ان جي دينداري جي مطابق ان کي آزمائيندو آهي. ٻانهو مصيبت ۾ مبتلا ٿيندو رهندو آهي ايستائين جو دنيا ۾ ئي ان جا سمورا گناهه بخشيا ويندا آهن.“

( ابن ماجه ،369/4، حديث: 4023)

(3) صبر پلائين جي خزانن مان هڪ خزانو آهي.

(موسوعه لابن ابی الدنیا ، 4/ 24 ، حديث: 16)

ہے صبر تو خزانۂ فردوس بھائیو! شِکوہ نہ عاشقوں کی زَبانوں پہ آ سکے

(وسائلِ بخشش، ص412)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## گناهن جو ڪفارو

مسلمانن جي پياري پياري امڙ، حضرت بي بي عائشه صديقه طيبه طاهره رضی اللہ عنہا کان مروي آهي ته جڏهن ٻانهي جا گناهه تمام گهڻا ٿي وڃن ۽ ان جا عمل اهڙا نه هجن جو ان جي گناهن جو ڪفارو ٻڻجي سگهن ته الله پاڪ ٻانهي کي پريشانين ۾ مبتلا فرمائي ڇڏيندو آهي جيڪي ان جي گناهن جو ڪفارو ٻڻجي وينديون آهن.

(قوت القلوب،314/1)

## تڪليف ۾ مُسڪرايائون

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا:

جڏهن فرعون کي پنهنجي گهرواري حضرت بي بي آسيہ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیہَا جي مسلمان ٿيڻ جي خبر پئي تہ اُن بيبي آسيہ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیہَا کي تڪليف پهچائڻ جو حڪم ڏنو ۽ انهن جي ٻنهي هٿن ۽ پيرن ۾ لوهہ جون ڪليون ٺوڪي ڪري ڪوڙن ڪان سزا ڏيڻ شروع ڪري ڇڏي. حضرت بي بي آسيہ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیہَا اُن حالت ۾ پنهنجو مٿو مبارڪ آسمان ڏانهن ڪنيو تہ ڏٺائون تہ جنّت جا دروازا کُليل آهن ۽ ملائڪَ سندن جنّت ۾ محل تعمير ڪري رهيا آهن. حضرتِ عزرائيل عَلَیہِ السَّلَام حضرت بيبي آسيہ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیہَا وٽ روح قبض ڪرڻ جي لاءِ تشريف وٺي آيا ۽ انهن کي فرمايائون: جنّت ۾ هي محل اوهان جو آهي، هي ٻڌي ڪري حضرت بي بي آسيہ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیہَا مُرڪڻ لڳيون تہ ڪائنس اها جسماني تڪليف دور ٿي وئي ۽ انهن بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيو: اي منهنجا پروَردگار! منهنجي لاءِ پنهنجي ويجهو جنّت ۾ محل تيار فرماءِ.

قرآنِ ڪريم ۾ سيپارو 28 سورۃُ التحريم، آيت نمبر 11 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِیْنَ اٰمَنُوا امْرَاَتَ فِرْعَوْنَ ۘ اِذْ قَالَتْ رَبِّ ابْنِ لِیْ عِنْدَكَ بَیْتًا فِی الْجَنَّةِ وَ نَجِّنِیْ مِنْ فِرْعَوْنَ وَ عَمَلِهٖ وَ نَجِّنِیْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِیْنَ ﴿۱۱﴾

ترجمو ڪنزُالعرفان: ۽ الله مسلمانن جي لاءِ فرعون جي گهر واري جي مثال ٻڌائي ڇڏيو جڏهن ان عرض ڪيو، اي منهنجا رب! منهنجي لاءِ پاڻ وٽ جنت ۾ هڪ گهر ٺاهہ ۽ مون کي فرعون ۽ ان جي عمل کان نجات ڏي ۽ مون کي ظالم ماڻهن کان نجات ڏي.

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: (اي انسان!) تون بہ پنهنجي مصيبت تي اهڙو صبر ڪرڻ وارو ٿي وڃ ڄڻ تہ جيڪي ڪجھ اللّٰه پاڪ جون نعمتون جنّت ۾ آهن اهي توکي تنهنجي دل ۾ يقين جي اکين سان نظر اينديون ۽ جيڪي هتي مصيبتون، پريشانيون آهن تون انهن تي صبر ڪرڻ وارو بڻجي ويندين. (الفتح الربانی ، ص 133)

## صبر ۽ شڪر ڪر

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: (اي الله جا ٻانها!) جيڪڏهن تنهنجي قسمت ۾ نعمت جو ملڻ لکيل آهي تہ اهو توکي ضرور ملندو، چاهي تون ان کي طلب ڪرين يا ناپسند ڪرين! ۽ جيڪڏهن تنهنجي قسمت ۾ مصيبت ۽ تڪليف آهي ۽ تنهنجي لاءِ ان جو فيصلو ٿي چڪو آهي، چاهي تون ان کي ناپسند ڪرين يا ان کان بچڻ جي دعا ڪرين تڏهن بہ اها مصيبت توتي لازمي ايندي. پنهنجا تمام معاملات اللّٰه پاڪ جي حوالي ڪري ڇڏ، جيڪڏهن توکي نعمتون عطا ٿين تہ شڪر ادا ڪر ۽ جيڪڏهن آزمائش اچي تہ صبر ڪر. (قلائد الجواہر مع فتوح الغیب ، ص24)

مشکلوں میں دے صبر کی توفیق　　اپنے غم میں فقط گھلا یارب

(وسائلِ بخشش،ص80)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مسجدءِ درود شريف

اسان جا پير و مرشد، حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اي اُمَّتِ محمد! اللّٰه پاڪ جو شڪر ڪندا ڪريو جو گذريل امتون جيترو عمل ڪنديون هيون، اللّٰه پاڪ انهن جي نسبت توهان کان ٿوري عمل تي ئي راضي ٿي ويندو آهي. مسجد کي لازم پڪڙيو ۽ نبيءِ رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درود شريف پڙهندا ڪريو. (الفتح الربانی، ص 23، 24ملتقطاً)

بچیں بے کار باتوں سے پڑھیں اے کاش کثرت سے
ترے محبوب پر ہر دم دُرودِ پاک ہم مولیٰ
(وسائلِ بخشش،ص 99)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسلمانن جي خيرخواهي

شوالُ المڪرم، 545 هجري، جمعي جو ڏينهن هو، منهنجي مُرشد پيرانِ پير شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي مدرسي ۾ مسلمانن جي همدردي جي موضوع تي بيان ڪيو، بيان جي دوران مُرشد فرمايو: پاڪ آهي اها ذات جنهن منهنجي دل ۾ مخلوق جي خيرخواهي (يعني ڀلائي گهرڻ) جو جذبو وجهي ڇڏيو ۽ مخلوق جي ڀلائي ڪرڻ منهنجي زندگي جو وڏو مقصد بڻايو. بيشڪ مان توهان کي نصيحت ڪرڻ وارو آهيان مان ان تي توهان کان ڪا جزا نه ٿو گهران، منهنجي خوشي انهيءَ ۾ آهي ته توهان ڪامياب ٿي وڃو! جيڪڏهن توهان برباد ٿي ويا ته مونکي غم ٿيندو. (الفتح الربانی ، ص41)

## تمام گهڻي رحمدلي

منهنجي مُرشد غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: اي انسانو! مان توهان جي طرف صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ متوجهه ٿيندو آهيان، منهنجي اندر توهان جي لاءِ اهڙي رحمدلي ۽ شفقت آهي جو جيڪڏهن ٿي سگهي ها تہ مان توهان جي جڳهه توهان مان هر هڪ جي قبر ۾ پاڻ لهان ها ۽ توهان جي طرف کان نَڪيرين يعني منڪر نڪير کي جواب بہ ڏيان ها! (الفتح الربانی ص، 318)

سُبْحٰنَ الله! شفقت جو ڪيترو پيارو انداز آهي جو منهنجي وسَ ۾ هجي ها، مان توهان جي جڳهه تي قبر ۾ اچي وڃان ها، منڪر نڪير توهان کان سوال ڪن ها ۽ مان جواب ڏئي ڇڏيان ها.

عزیزو کرچکو تیار جب میرے جنازے کو تو لکھ دینا کفن پر نام والا غوث اعظم کا
ندا دے گا منادی حشر میں یوں قادریوں کو کہاں ہیں قادری کرلیں نظارہ غوث اعظم کا

(قبالۂ بخشش، ص98، 99)

## الله پاڪ جو سيني کان وڌيڪ پيارو

منهنجي پير و مرشد غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه 11 جمادي الأُخريٰ 545 هجري جو پنهنجي مدرسي ۾ بيان جي دوران فرمايو: اي مالدارو! جيڪڏهن دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي چاهيو ٿا تہ پنهنجي مال جي ذريعي غريبن سان همدردي ڪيو! پوءِ پاڻ هڪ حديثِ پاڪ بيان فرمائي: الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ماڻهو الله پاڪ جا عيال آهن،

اللّٰه پاڪ جو وڏيڪ پيارو اهو آهي جيڪو اللّٰه پاڪ جي عيال کي وڏيڪ فائدو پهچائڻ وارو هجي.

(موسوعہ لابن ابی الدنیا ،4/ 159 ، حدیث : 24 ـ الفتح الربانی ص، 111)

حضرت علامہ عبدُ الرؤف مناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مخلوق کي اللّٰه پاڪ جي عيال چوڻ مجازاً آهي حقيقت ناهي، ڇوتہ اللّٰه پاڪ ٻانهن جي رزق جو ضامن ۽ ڪفيل آهي تہ مخلوق عيال جيان ٿي وئي حقيقت ۾ اللّٰه پاڪ اولاد، خاندان کان پاڪ آهي تہ انهن معنائن ۾ تہ اللّٰه پاڪ انهن جو ضامن ۽ ڪفيل آهي سيني جي روزي پنهنجي ذمہ ڪرم تي ڪنئين آهي. عيال مان مُراد هي آهي تہ مخلوق اللّٰه پاڪ جي محتاج آهي جڏهن تہ اللّٰه پاڪ انهن جون ضرورتون پوريون فرمائيندو آهي. وڏيڪ فرمائن ٿا: ڇڱي ورتاء ۾ اللّٰه پاڪ جي طرف هدايت ڏيڻ، تعليم ڏيڻ، مهرباني ڪرڻ، رحم ڪرڻ، انهن تي خرچ ڪرڻ وغيره ديني دنياوي ڀلائين ۾ شامل آهن. آقا کي پنهنجي ٻانهن تي ڪنهن جو احسان ڪرڻ ڇڱو لڳندو آهي. هن حديث ۾ مخلوق جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۽ علم، مال، عزت، جائز سفارش وغيره جيڪو آسان لڳي ان جي ذريعي نفعو پهچائڻ جي فضيلت موجود آهي. ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ، اللّٰه پاڪ جي رستي جي طرف سڏڻ، علمِ دين سيکارڻ، ماڻهن سان نرمي سان پيش اچڻ، ماڻهن تي رحم ڪرڻ، شفقت ڪرڻ، انهن تي مال خرچ ڪرڻ، مطلب تہ (شريعت جي دائري ۾ رهندي) ديني يا دنياوي

ڪنهن معاملي ۾ ماڻهن سان نيڪي ڪرڻ، ڀلائي ڪرڻ، هي سڀ ڪجھ ماڻهن کي نفعو پهچائڻ ۾ شامل آهي.

(فيض القدير ، 3/ 674 ، تحت الحديث : 4135ملخصاً)

مسلماں مسلمان کے خوں کا پیاسا ہوا وقت آیا عجب یاالٰہی
سبھی ایک ہو جائیں ایمان والے پئے شاہِ عالی نَسب یاالٰہی

(وسائلِ بخشش،ص108)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## هرحال ۾ شڪر

منهنجا مُرشد پاڪ، شهنشاهِ بغداد حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: منهنجي وصيت آهي ته الله ڪريم جي طرف کان اچڻ واري آزمائش جو ڪنهن سان به ذڪر نه ڪر، چاهي اهو تنهجو دوست هجي يا دشمن، بلڪ ان جو شڪر ادا ڪر، ڪير آهي جنهن وٽ الله پاڪ جي ڪا نعمت نه هجي. توهان وٽ اهڙيون ڪيئي نعمتون آهن جن جو توهان کي به علم ناهي، جيڪڏهن تون عافيت ۾ پاڻ وٽ نعمت موجود هجڻ جي باوجود وڌيڪ گُهرين ان ڪري پهرين نعمتن کي ڄاڻي واڻي وساري يا معمولي سمجهي ڪري پنهنجي ربَّ کان شڪايت ڪرين ته اها پهرين موجود نعمت توکان پري ڪري تنهنجي هن شڪايت کي درست ڪري ڇڏيندو ۽ تنهنجي پريشاني کي ٻيڻو ڪري ڇڏيندو ۽

توکان ناراض ٿيندو تنهنکري تون شڪايت ڪرڻ کان تمام گهڻو بچ جيتوڻيڪ تنهنجو گوشت قينچي سان ڪَپيو وڃي.
(شرح فتوح الغيب (اردو)، ص 170،171 ملخصاً)

خليفهءِ اعليٰ حضرت مُفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو بيان آهي: هڪ ڀيري اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بيمار هئا، مان عيادت جي لاءِ ويس، محاوراتي طور پڇيم: حضور! هاڻي شڪايت جو ڇا حال آهي؟ فرمايائون: شڪايت ڪنهن کان ٿئي؟ الله (پاڪ) کان شڪايت نه ڀيريان هئي نه هاڻي آهي، ٻانهي کي خُدا کان ڪهڙي شڪايت! (صدرُ الشريعه رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:) مون سڄي زندگي جي لاءِ ان محاوري کان توبهه ڪئي. (فتاویٰ امجديه، 388/2)

اسان وٽ عام ڳالهه ٻولهه ۾ شڪايت ئي چوندا آهن. مونکي پيٽ جي سور جي شڪايت آهي، مٿي جي سور جي شڪايت آهي. لفظ شڪايت چوڻ کان ڀريان سوچي وٺڻ گهرجي ته هي ڏنو ڪنهن آهي؟ ته ڇا ان جي شڪايت به ڪري سگهجي ٿي؟

منهنجي مرشد غوثِ پاڪ نهايت پياري انداز ۾ سمجهايو ته شڪايت نه ڪجو. حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيۡهِ السَّلَام جو هڪ قول قرآنِ ڪريم ۾ آهي: وَ اِذَا مَرِضۡتُ فَهُوَ يَشۡفِيۡنِ ﴿۸۰﴾ (پ 19، الشعراء:80) ترجموڪنزُ العرفان: ۽ جڏهن مان بيمار ٿيان ته اهو ئي مون کي شفا ڏيندو آهي.

يعني آدابَ هي آهن ته بيماري، مصيبت پريشاني پنهنجي طرف منسوب ڪري، هيئن نه چئي ته مون کي ربَّ بيمار ڪري ڇڏيو بلڪ هيئن چئي: جڏهن مان بيمار ٿيندو آهيان ته هو مون کي شفا ڏيندو آهي. شفا، صحت هڪ نعمت آهي. ڪجهه ماڻهو ايتري قدر

چئي ويندا آهن تہ ربَّ پاڪ مون کي اولاد جي نعمت کان محروم رکيو، هي نهايت سخت جملو آهي، ٿورو غور ڪيو تہ توهان اللّٰه پاڪ جون ڪيتريون ڳالهيون مڃيو ٿا، ڪيتري فرمانبرداري ڪيو ٿا. بهرحال اللّٰه پاڪ جي شڪايت نہ ڪئي وڃي. جيڪڏهن ڪو هي جملو چئي تہ ان تي چڙهائي ناهي ڪرڻي، ڪيئي ماڻهو هن طرح جا جملا چئي رهيا هوندا آهن، معاذَ اللّٰه! ڳالهائيندي وقت ڪنهن جي هيءَ نيت ناهي هوندي تہ اهو ربَّ جي شڪايت ڪري رهيو آهي.

اهم ڳالهہ: شڪوا شڪايت هڪ لفظ آهي. ڪجهہ صورتن ۾ ربَّ سان شڪوا هوندي آهي تہ ربَّ مون سان هيئن ڇو ڪيو جيڪڏهن اعتراض پاتو ويو تہ پانهو اسلام مان ئي نڪري ويندو پر عام طور تي جيڪو هي چيو ويندو آهي تہ بيماري جي شڪايت آهي ان تي ڪوبہ حڪم نہ لڳايو وڃي. مون بہ اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي واقعي مان ڇاڻيو تہ شڪايت جو لفظ ناهي ڳالهائڻو.

## ديني ڪتابن جي مطالعي جي ترغيب

هر هفتي مدني مذاڪري ۾ هڪ رسالي جو اعلان ٿيندو رهندو آهي، هن جي پي ڊي ايف ۽ (Audio book) وائرل ٿيندي آهي. اوهان مڪتبۃُ المدينہ ۽ علماءِ اهلسنت جي ڪتابن جو مطالعو ڪندا رهندؤ تہ هن طرح جي معلومات حاصل ٿيندي رهندي. هاڻي تہ علم حاصل ڪرڻ نهايت آسان ٿي ويو آهي. مشهور آهي تہ اُجارو ڪوهہ ڏانهن ويندو آهي پر هاڻي ڪوهہ گهر گهر پهچي ڪري چئي رهيو آهي: اچو اجاروؤ! اُچ لاهيو. پر

اسان پڙهڻ، ٻڌڻ جي لاءِ تيار ناهيون. اوهان هي پڙهو، ٻڌو دنيا ۽ آخرت جون ڪوڙ ڀلايون هٿ اينديون. اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم!

مشکلوں میں مرے خدا میری ہر قدم پر مُعاوَنت فرما
سرفراز اور سُرخرو مولیٰ مجھ کو تُو روزِ آخِرت فرما

(وسائلِ بخشش،ص75)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سڀ کان وڏو مهربان

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: انسان تي اڪثر مصيبتون الله پاڪ جي بارگاهه ۾ شڪوا شڪايت ڪرڻ جي سبب ئي نازل ٿينديون آهن. اي نادان انسان! ڪهڙي منهن سان الله پاڪ کان شڪوا شڪايت ڪرين ٿو حالانڪ هو سڀ کان وڏو رحم ڪرڻ وارو، مهربان آهي، هو پنهنجي ٻانهن تي بلڪل به ظلم ناهي ڪندو. ڇا شفقت ۽ مهرباني ڪرڻ واري والدين تي الزام لڳائي سگهجي ٿو جڏهن ته نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اَللّٰهُ اَرْحَمُ بِعَبْدِهِ الْمُؤْمِنِ مِنَ الْوَالِدَةِ الشَّفِيْقَةِ بِوَلَدِهَا يعني ”لله پاڪ ماءُ جي ٻار تي شفقت ڪرڻ کان به وڌيڪ پنهنجي ٻانهي تي مهربان آهي.“

(بخاری،4/100، حديث:5999)

اي الله پاڪ جا ٻانها! تون باادب ٿيڻجي وچ ۾ مصيبت جي وقت صبر ڪر ۽ جيڪڏهن تون صبر نه ڪري سگهين پوءِ به صبر ڪر ۽ شريعت جي احڪامن جي پابندي ڪر ۽ رضاءِ الٰهي تي راضي رهه، پاڻ کي نفساني خواهشن کان ڦيري ڪري پنهنجي زبان کي

شڪوا شڪايت ڪان روڪي ڇڏ، جڏهن تون هي سڀ ڪري وٺندين ۽ جيڪڏهن تنهنجي قسمت ۾ خير ۽ ڀلائي هوندي تہ الله پاڪ تنهنجي پاڪيزه زندگي ۽ خوشي ۾ اضافو ڪندو ۽ جيڪڏهن تقدير (يعني الله پاڪ جيڪو ڪجهہ تنهنجي لاءِ طئي ڪيو آهي ان) ۾ تنهنجي لاءِ پريشاني هوندي تہ الله پاڪ جي فرمانبرداري جي ڪري هو تنهنجي حفاظت فرمائيندو ۽ توکي پنهنجي رضا تي راضي رکندو ايستائين جو اها پريشاني گذري وڃي ۽ هر آفت پنهنجي وقت پوري ٿيڻ کان بعد هلي ئي ويندي آهي جيئن رات کان پوءِ ڏينهن ايندو آهي تہ هو پنهنجي روشني سان رات جي اونداهي کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي.
(فتوح الغيب(اردو)،ص54تا56ملتقطاً وملخصاً)

دولتیں ایسی نعمتیں اتنی بے غرض تو نے کیں عطا یارب
تو کریم اور کریم بھی ایسا کہ نہیں جس کا دُوسرا یارب
تو حسنؔ کو اُٹھا حسن کر کے ہو مع الخیر خاتمہ یارب
(ذوقِ نعت،ص85، 87)

يعني اي الله پاڪ! منهنجو خاتمو چڱو ٿئي. مونکي چڱو موت نصيب فرماءِ.

اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ جو ارشاد آهي: منهنجو دنيا مان وڃڻ جو وقت قريب آهي، ۽ منهنجي اها ئي خواهش آهي تہ مديني پاڪ ۾ ايمان سان موت نصيب ٿئي ۽ خير سان جنت البقيع ۾ دفن ٿيڻ نصيب ٿئي، ۽ اهو قادر آهي. (حيات اعلى حضرت، 461/3) الله پاڪ اسان کي خير سان جنت البقيع ۾ دفن ٿيڻ نصيب فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# هر مشڪل کان بعد آساني آهي

منهنجي مرشد ڪريم، حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ تون (پريشاني وغيره جي حالت ۾) چوندو آهين: مان ڇا ڪيان؟ ڪاڏي وڃان؟ ڪهڙو حل ڳوليان؟ جواباً توکي چيو ويندو آهي: پنهنجي جڳهہ تي رهہ ۽ پنهنجي حد کان اڳتي نہ وڌ (يعني بي صبري نہ ڪر) ايستائين جو تو وٽ ان جي طرفان ڪشادي اچي، جنهن توکي هن حالت ۾ ثابت قدم رهڻ جو حڪم ارشاد فرمايو: اللّٰه پاڪ سيپارو 4 سورة آلِ عمران آيت نمبر 200 ۾ ارشاد فرمائي ٿو: اِصْبِرُوْا وَ صَابِرُوْا وَ رَابِطُوْا ۫ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ترجمو ڪنزُ العرفان: ”صبر ڪيو ۽ صبر ۾ دشمنن کان اڳيان هجو ۽ اسلامي سرح جي نگهباني ڪيو ۽ اللّٰه کان ڊڄندا رهو.“ هن آيت جي تفسير ۾ حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اي مومن ٻانها! اللّٰه پاڪ توکي صبر جو حڪم ڏنو پوءِ صبر ۾ بہ مبالغو ۽ ان تي مضبوطي سان ثابت قدم رهڻ جو فرمايو ۽ فرمايائون: اللّٰه پاڪ کان صبر ڪي ڇڏڻ کان ڊڄو، ڇوتہ خير ۽ سلامتي صبر ۾ آهي. جيئن تہ روايت ۾ آهي: ”صبر ايمان ۾ ائين آهي جيئن مٿو جسم ۾.“ هي بہ چيو ويو آهي تہ هر شيءِ جو ثواب هڪ مقدار ۽ اندازي سان آهي سواءِ صبر جي، بيشڪ صبر جو ثواب بي حساب آهي. اللّٰه پاڪ سيپارو 23 سورة الزمر، آيت نمبر 10 ۾ ارشاد فرمائي ٿو: اِنَّمَا يُوَفَّى الصّٰبِرُوْنَ اَجْرَهُمْ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿۱۰﴾ ترجموڪنزُالعرفان: صبر ڪرڻ وارن ئي کي ان جو ثواب بي حساب ڀرپور ڏنو ويندو.

سسس(فتوح الغيب(اردو)،ص81تا82ملخصاً۔شرح فتوح الغيب (اردو)، ص 254،255)

منهنجا پير و مرشد غوثِ اعظم دستگير حضرت شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ وڏيڪ فرمائن ٿا: اي ٻانها! صبر دنيا ۽ آخرت ۾ هر خير ۽ ڀلائي جو اصل آهي ۽ صبر ئي سان مؤمن الله پاڪ جي رضا تائين پهچندو آهي. صبر ڪي ڇڏڻ ڪان بچ ڇوته بي صبري سان دنيا ۽ آخرت ۾ تون شرمنده ٿيندين. (شرح فتوح الغيب (اردو)، ص 256 ملتقطاً)

رونا مصیبت کا تُو مت رو اٰلِ نبی کے دیوانے
کرب و بلا والے شہزادوں پر بھی تُو نے دھیان کیا؟
(وسائلِ بخشش، ص197)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڀلائي جو بنياد


اي ٻانها! جيڪڏهن تون چاهين ٿو ته تون پرهيزگار، الله پاڪ تي ڀروسو ڪرڻ وارو بڻجي وڃين ته صبر کي اختيار ڪر ڇوته صبر ڀلائي جو بنياد آهي جڏهن صبر جي متعلق تنهنجي نيت درست ٿي وڃي ۽ تون الله پاڪ جي رضا جي لاءِ صبر ڪندين ته توکي هن صبر جو بدلو اِهو ملندو ته دنيا ۽ آخرت ۾ الله پاڪ جو قرب (يعني ويجهڙائپ) حاصل ڪرڻ ۽ محبت ڪرڻ وارن ۾ داخل ٿي ويندين.
(الفتح الربانی، ص 136)

مسلماں ہوں اگر چہ بد ہوں سچّے دل سے کرتا ہوں
ترے ہر حکم کے آگے سرِ تسلیم خم مولیٰ
(وسائلِ بخشش، ص97)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net